روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) آچر 05 مارچ 2023ع بمطابق 12 شعبان المعظم 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 281

سيني سان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيان: پي ٽي آءِ سربراهه

جڏهن اسان جي حڪومت ڪيرائي پئي وئي ته ان وقت آرمي چيف کي سمجهايو هو ته عدم استحڪام ايندو، سياستدان سيني سان ڳالهائيندو آهي ڪنهن سان اڪي ناهي ڪندو

جيڪي ماڻهو ملڪ جو پئسو چوري ڪن انهن سان ڪيئن سمجهوتو ٿي سگهي ٿو؟ جنرل باجوا چيو ته انهن کي اين آر او ڏيو، مان ڪير ٿيندو آهيان جو عوام جو پئسو انهن کي معاف ڪري ڇڏيان؟

مون کي خبر آ ته قاتلاڻي حملي ۾ ڪير ڪير ملوث هو، حملو ڪندڙن کي به معاف ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، نيلسن منڊيلا 27 سال جيل ۾ گذاريا، ٻاهر اچي سڀني کي معاف ڪري ڇڏيائين

سپريم ڪورٽ جي فيصلي کانپوءِ يقين رکان ٿو ته اهي چونڊون ڪرائيندا، ڏهڻ مان نڪرڻ لاءِ چونڊون پهريون قدم آهي

سياسي استحڪام چونڊن سان ايندو، ان کانپوءِ معاشي استحڪام ايندو، عوامي مينڊيٽ سان حڪومت ايندي ته عوام جو اعتماد وڌندو

اعتماد نه هوندو ته سيڙپڪار پنهنجو پئسو نه لڳائيندو: پي ٽي آءِ چيئرمين پاران وڊيو لنڪ ذريعي ڪارڪنن کي خطاب

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان چيو آهي ته مان سيني سان ڳالهائڻ ۽ سمجهوتي لاءِ تيار آهيان. وڊيو لنڪ ذريعي ڪارڪنن کي خطاب ڪندي عمران خان چيو ته جڏهن اسان جي حڪومت ڪيرائي پئي وئي ته ان وقت آرمي چيف کي سمجهايو هو ته عدم استحڪام ايندو، سياستدان سيني سان ڳالهائيندو آهي ڪنهن سان اڪي ناهي ڪندو پر جيڪي ماڻهو ملڪ جو پئسو چوري ڪن ان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

لاهور: پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان وڊيولنڪ ذريعي ڪارڪنن کي خطاب ڪري رهيو آهي

پرويز الاهي ۽ ججن ۾ لاڳاپن ۽ ڏيتي ليتي جا وڌيڪ انڪشاف

لاهور (م ڊ) پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي جي ڪاٺائو ملازم محمد خان ڀٽي جاچ دوران ته اهم انڪشاف ڪيا آهن. ناميارى صحافي موجب مئجسٽريٽ آڏو محمد خان ڀٽي جيڪو بيان رڪارڊ ڪرايو آهي ان ۾ ججن ۽ پرويز الاهي ۾ لاڳاپن ۽ ملڪيت جي ڏيتي ليتي بابت به اهم انڪشاف ڪيا آهن. ان ۾ لاهور جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

صوبا ٽيڪس جمع نه ٿا ڪن، وفاق کين پئسا ڏئي خساري ۾ رهي ٿو: مفتاح اسماعيل

اڄ ملڪ جن حالتن ۾ ڦاٿل آهي، ان جي پويان 75 سالن جون غلطيون آهن، اسان زرداري، شريف ۽ عمران خان سڀني کي آزمايو آهي، سسٽم تبديل ٿيڻ بنا ڪجهه نه ٿيندو

18هين ترميم تحت اختيار صوبن کي منتقل ٿيا، 18هين ترميم تحت صوبن کي ته اختيار مليا پر هيٺين سطح تي فنڊ ناهن پهچندا

18هين ترميم بابت مسئلن جي ڳالهه ڪيو ته مسئلو بڻجي ويندو آهي، ٻاهريان قرض ڇڏيو، هاڻ ته مقامي قرضن ۾ ڦاسي پيا آهيون، سنڌ حڪومت وٽ ٽيڪس حاصل ڪرڻ لاءِ رڳو ڪراچي آهي

صوبا هڪ هزار ارب رپيا تعليم تي خرچ ڪندا آهن، جڏهن ته سرڪاري اسڪولن جا ٻار سائنس ۽ حساب ۾ فيل ٿي رهيا آهن، تعليم بنا ڪا پاليسي ترقي نه ڪندي

معيشت جي صورتحال هڪ سال جي غلطي نه 75 سالن جو نتيجو آهي، 87 سيڪڙو پاڪستانين کي ايتري خوراڪ ناهي ملندي جيتري ملڻ گهرجي

جنهن ضلعي ۾ ٻاڙي ڪِنو هوندو آهي، اتي ٻار جسماني لحاظ سان ڪمزور هوندا آهن، 75 سالن جي غلط پاليسين سبب اڄ ملڪ بحرانن جو شڪار آهي: ڪراچي ۾ سيمينار کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي ته اڄ ملڪ جن حالتن ۾ ڦاٿل آهي، ان جي پويان 75 سالن جون غلطيون آهن، اسان زرداري، شريف ۽ عمران خان سڀني کي آزمايو آهي، سسٽم تبديل ٿيڻ بنا ڪجهه نه ٿيندو. ڪراچي ۾ سيمينار سان خطاب ڪندي مفتاح اسماعيل چيو ته 18هين ترميم تحت اختيار صوبن کي منتقل ٿيا. 18هين ترميم تحت صوبن کي ته اختيار/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: اڳوڻو ناڻي وارو وزير مفتاح اسماعيل سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

اسحاق ڊار معاشي پريشانين باوجود حاجين کي سمورين سهولتن ڏيڻ جو يقين ڏياري ڇڏيو

اسلام آباد ۾ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ حج پاليسي 2023 جو جائزو ورتو ويو

اجلاس دوران شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ويو ته هلندڙ سال هڪ لک 79 هزار کان وڌيڪ پاڪستاني حج ڪندا

مذهبي معاملن واري وزير اسحاق ڊار کي فارين ايڪسچينج بابت پيش ايندڙ مسئلن کان به آگاهه ڪيو

اسلام آباد: (م ڊ) ناڻي واري وزير اسحاق ڊار مذهبي معاملن جي اختيارين کي معاشي پريشانين جي باوجود حاجين کي سمورين سهولتن ڏيڻ جو يقين ڏياري ڇڏيو آهي. اسلام آباد ۾ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

وڪيلن جسٽس مظاهر نقوي خلاف ڪارروائي لاءِ سپريم جوڊيشل ڪونسل سان رابطو ڪري ورتو

مسلم ليگ(ن) جي لائرز فورم جسٽس مظاهر نقوي خلاف سپريم جوڊيشل ڪونسل ۾ شڪايت داخل ڪري ڇڏي

وڪيلن درخواست ۾ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي سان گڏ جسٽس مظاهر نقوي جي مبينه ڳالهين جو ٽرانسڪرپٽ به شامل ڪيو

اسلام آباد (م ڊ) مسلم ليگ(ن) جي لائرز فورم جسٽس مظاهر نقوي خلاف آرٽيڪل 209 جي تحت ڪارروائي جي لاءِ سپريم جوڊيشل ڪونسل سان رابطو ڪري ورتو رپورٽ موجب مسلم ليگ(ن) جي لائرز فورم جسٽس مظاهر نقوي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

Pakistan Medical Association
(PMA) Islamabad
al Conference 2022-2023 Pakistan
March
اسلام آباد: اسپيڪر قومي اسيمبلي راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

آصف زرداري چونڊن ۾ دير نه ڪرڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو

ملاقاتن ۾ ٽنهي اتحادين جي ٻنهي صوبن ۾ چونڊن بابت مختلف راءِ سامهون آئي: ذريعا

مقرر تاريخ تي چونڊون نه ڪرائڻ بابت آئيني ۽ قانوني سبب ڏيڻا پوندا: آصف علي زرداري

ڪراچي (م ڊ) پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ عام چونڊن جي تاريخ بابت ٽن وڏن جي اهم ملاقاتن جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي، ٽنهي اتحادين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

چين هڪ دفعو ٻيهر دوستي جو حق ادا ڪري ڇڏيو، پاڪستان کي 50 ڪروڙ ڊالر جي پهرين قسط ملي وئي

1.3 بلين ڊالر جي فنانسنگ جي حوالي سان سمورين رسمي ڪارروايون مڪمل ڪيون ويون آهن: اسحاق ڊار جو ٽوئيٽ

چيني بينڪ رول اوور سهوليت جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي اها رقم 3 قسطن ۾ ڏني ويندي جنهن مان پهرين قسط اسٽيٽ بئنڪ کي ملي چڪي آهي

بينڪ آف چائنا لميٽيڊ کان 1.3 بلين ڊالر جي فنانسنگ سهوليت مان 500 ملين ڊالر (50 ڪروڙ ڊالر) ملي ويا آهن

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ۾ جاري بدترين معاشي بحران دوران چين پاڪستان سان مشڪل وقت ۾ هڪ دفعو ٻيهر دوستي جو حق ادا ڪندي 50 ڪروڙ ڊالر ڏئي ڇڏيا. وفاقي ناڻي واري وزير اسحاق ڊار پنهنجي آفيشل ٽوئيٽر اڪائونٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

اليڪشن ڪميشن پاران پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ عام چونڊن جون تياريون شروع

اليڪشن ڪميشن سومر يا اڱاري تي چونڊ شيڊول جاري ڪرڻ جا امڪان ظاهر ڪري ڇڏيا

اليڪشن ڪميشن ڊي آر اوز ۽ آر اوز عدليه کان نه وٺڻ ۽ پنجاب جي چونڊن لاءِ رجسٽرار لاهور هاءِ ڪورٽ کي وڌيڪ خط نه لکڻ جو فيصلو ڪيو

اليڪشن ڪميشن صوبائي اليڪشن ڪمشنرز کان ڊي آر اوز ۽ آر اوز جي لسٽ گهري ورتي

لاهور (م ڊ) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ عام چونڊن جون تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن. ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن چونڊ شيڊول جي تياري شروع ڪري ڇڏي آهي. اليڪشن ڪميشن پاران سومر يا اڱاري جي ڏينهن تي چونڊ شيڊول جاري ڪرڻ جو ڏکهو امڪان آهن. اليڪشن ڪميشن ڊي آر اوز ۽ آر اوز عدليه کان نه وٺڻ ۽ پنجاب جي چونڊن لاءِ رجسٽرار لاهور هاءِ ڪورٽ کي وڌيڪ خط نه لکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اليڪشن ڪميشن صوبائي اليڪشن ڪمشنرز کان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ملڪ ۾ تماشو ڪندڙ گهرن ۾ قيد ٿي چڪا آهن، اسان مٿان الزام لڳائيندڙ اڄ پنهنجا منهن لڪائي رهيا آهن: مريم نواز

ن ليگ وارا اڄان تائين سڀني جي سامهون آهن، جڏهن ته الزام لڳائيندڙ اڄ پنهنجا منهن لڪائي رهيا آهن

ڪٺ پتلي جو تماشو ڪندڙ هاڻ گهرن ۾ قيد ٿي چڪا آهن، مشڪل معاشي حالتن ۾ ٻڏل ملڪ اسان کي پهريون ڀيرو ناهي مليو

ملڪ جڏهن به مسئلن ۾ ٻڏل هوندو آهي ته تڏهن نوازشريف ۽ شهباز شريف کي ئي اڳتي پوندو آهي

سازشين جي سازش آهي ته ملڪ جي معيشت بهتر نه ٿئي پر هميشه جيان شينهن ئي قوم کي مسئلن مان نجات ڏياريندو آهي

لاهور (م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته(ن) ليگ وارا اڄان تائين سڀني جي سامهون آهن. جڏهن ته الزام لڳائيندڙ اڄ پنهنجا منهن لڪائي رهيا آهن. گوجرانوالا ڊويزن ۾ 4 مارچ تي پارٽي جي مرڪزي تنظيم جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن جي صدارت مريم نوازشريف ڪئي. ان موقعي تي خواجه آصف، پرويزرشيد ۽ پارٽي جو صوبائي صدر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

MEDIA
meetup
#BringItOn
لاهور: ن ليگ جي چيف آرگنائيزر مريم نواز گوجرانوالا ڊويزن ۾ تنظيمي اجلاس ۾ ويٺل آهي

رائونتي جي ڪچي ۾ آپريشن، ڌاڙيلن جا ٽاڪ ساڙڻ جي دعويٰ

رائونتي (رپورٽر) رائونتي جي ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف پوليس جو آپريشن جاري آهي. ڌوهارين جا ڪيترائي ٽاڪ ۽ گهر ساڙڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي ايس ايس پي گهوٽڪي تنوير تنيو جو چوڻ آهي ته آپريشن مغوين جي بازيابيءَ لاءِ هلي رهيو آهي. پوليس ڌوهارين جي گهرن تائين پهچي وئي پر ڌوهاري گهر ڇڏي فرار ٿي ويا ايس ايس پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

جڏهن نواز شريف کي نااهل ڪيو ويو ته اپيل جو حق نه ڏنو ويو: احسن اقبال

ڪجهه مخصوص ججن جا ن ليگ خلاف پي ٽي آءِ جي حمايت ۾ فيصلا اچي رهيا آهن

عمران خان اسيمبليون نيڪ نيتي سان نه ٽوڙيون، ڪير چونڊن کان فرار ٿئي ٿو سگهي

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي وزير احسن اقبال نواز شريف جي نااهلي جي فيصلي تي فل ڪورٽ ۾ نظرثاني جو مطالبو ڪري ڇڏيو. خانگي ٽي وي چئنل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

سموري سنڌ ۾ عوام جي لاءِ تفريحي سهولتون فراهم ڪرڻ اولين ترجيحن ۾ شامل آهي، ناصر شاهه

بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير عوام کي تفريحي سهولتون فراهم ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو آهي

سنڌ حڪومت عوامي مفاد جي ڪمن تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي، هڪ صحتمند سماج ئي صحتمند ملڪ جي ضمانت هوندو آهي

عوام کي تفريحي جايون مهيا ڪرڻ ۽ انهن جي بحالي اسان جي اولين ترجيح آهي: ۾ خيام ڪينال جي دوري دوران ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزير عوام کي تفريحي سهولتون فراهم ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو آهي ۽ تفريحي ماڳن کي جديد سهولتن سان آراسته ڪرڻ اولين ترجيحن ۾ شامل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪراچي: مڪاني ادارن وارو وزير سيد ناصر حسين شاهه خيام ڪينال جي دوري دوران ڳالهائي رهيو آهي

”منهنجي به نمبري ڏس چا چاهيان ٿو“ خواجا آصف جي عمران خان تي ٽوڪ

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) بچاءُ واري وزير خواجا آصف تحريڪ انصاف چيئرمين جو نالو وٺڻ بنا سندس شاعرانه انداز ۾ ٽوڪ ڪئي آهي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ خواجا آصف عمران خان جي گذريل ڏينهن جي ڏنل بيان جو حوالو ڏنو جنهن ۾ تحريڪ انصاف چيئرمين اڳوڻي آرمي چيف جي ڪورٽ مارشل بابت ڳالهه ڪئي. خواجا آصف شاعرانه انداز ۾ لکيو ته ”/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسد عمر ۽ شاهه محمود قريشي سميت پي ٽي آءِ جا سمورا نظربند ڪارڪن جيلن مان آزاد

لاهور هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي جيل ڀريو تحريڪ تحت راولپنڊي لاهور ۽ ملتان مان گرفتاريون ڏيندڙن کي آزاد ڪيو ويو

پي ٽي آءِ اڳواڻ فياض الحسن چوهاڻ ۽ زلفي بخاري سميت 47 ڪارڪنن کي شاهپور جيل مان آزاد ڪيو ويو

راجنپور جيل ۾ نظربند ڪيل پي ٽي آءِ جي جنرل سيڪريٽري اسد عمر سميت 27 ڪارڪنن کي ڊسٽرڪٽ جيل مان آزاد ڪيو ويو

راولپنڊي (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي جيل ڀريو تحريڪ تحت راولپنڊي لاهور ۽ ملتان مان گرفتاريون ڏيندڙ پي ٽي آءِ جي اڳواڻن سميت سمورن ڪارڪنن کي جيلن مان آزاد ڪيو ويو رپورٽ موجب عدالت طرفان لکت ۾ حڪم جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

راولپنڊي: اسد عمر ۽ شاهه محمود قريشي آزادي بعد ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

راولپنڊي ۾ ڏيڍ سال تائين مسجد جي امامت ڪندڙ ڪدڙو فقير گرفتار

راولپنڊي (م ڊ) راولپنڊي ۾ ڏيڍ سال تائين مسجد جي امامت ڪندڙ ڪدڙي فقير کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس پاران ٻچا ڳاچا ڪندي ڪيس گرفتار ڪيو ويو ته علائقي واسين ڪيس سڃاڻي ورتو جوابدار پنهنجي جنس لڪائي امامت ڪندو رهيو ۽ ان دوران جنازو به پڙهايو. پوليس جنس لڪائي امامت ڪرڻ واري ڪدڙي فقير خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو آهي. ايف آءِ آر جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ملڪ ۾ هفتيوار مهانگائي جي شرح 41 سيڪڙو کان به وڌي وئي

هفتيوار مهانگائي جي شرح ۾ معمولي گهٽتائي جنهن سبب مهانگائي جي شرح 0.30 سيڪڙو گهٽ ٿي: شماريات کاتو

44 هزار کان وڌيڪ ماهوار پگهار ڪندڙ طبقي جي لاءِ مهانگائي جي شرح 42.42 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي

اسلام آباد (م ڊ) ملڪ ۾ هفتيوار مهانگائي جي شرح 41.07 سيڪڙو ٿي وئي آهي. شماريات کاتي موجب هفتيوار مهانگائي جي شرح ۾ معمولي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

چار مارچ سنڌ توڙي ملڪ جي تاريخ ۾ شاگرد جدوجهد جو روشن ڏينهن آهي: سنڌي شاگرد تحريڪ

رسول بخش پليجي 4 مارچ جي جدوجهد جي تائيد ڪئي هو شاگردن لاءِ حوصلو بڻيو: حبيب ڪلوئي

4 مارچ جي جدوجهد ۾ رسول بخش پليجي صاحب جو اهم ڪردار آهي: ايس ايس ٽي

ڪورواهه(ب ر) سنڌي شاگرد تحريڪ ضلعي بدين پاران 4 مارچ جي شاگرد جدوجهد کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڪورواهه ۾ پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن کي ايس ايس ٽي ضلع بدين جي صدر حبيب ڪلوئي، جنرل سيڪريٽري دلدار نوحاڻي، نائب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آشيانه ريفرنس: وزيراعظم شهباز شريف خلاف نيب جي گواهن بيان قلمبند ڪرائي ڇڏيا

احتساب عدالت لاهور ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ ٻين خلاف آشيانه اقبال ريفرنس جي ٻڌڻي ٿي

نيب جا گواهه امتياز احمد، عبدالرئوف مغل ۽ سعد محمود عدالت ۾ پيش ٿيا، وزيراعظم ۽ سندس وڪيل انوار حسين حاضري لاءِ پيش ٿيا

لاهور (م ڊ) احتساب عدالت ۾ آشيانه ريفرنس ۾ وزيراعظم شهباز شريف خلاف نيب جي گواهن جا بيان قلمبند ڪيا ويا آهن. احتساب عدالت لاهور ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ ٻين خلاف آشيانه اقبال ريفرنس جي ٻڌڻي ٿي. جنهن ۾ نيب جا گواهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

لاهور: ڊي سي عورت مارچ تي پابندي لڳائي ڇڏي، انتظاميه جو هاءِ ڪورٽ سان رابطو

ڊپٽي ڪمشنر لاهور سيڪيورٽي خدشن سبب عورت مارچ منعقد ڪرڻ جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو

ت مارچ جي آرگنائيزنگ ڪميٽي 6 مارچ تي ناصر باغ لاهور ويجهو مارچ جو فيصلو ڪيو

لاهور (م ڊ) ڊپٽي ڪمشنر لاهور سيڪيورٽي خدشن سبب عورت مارچ منعقد ڪرڻ جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو جنهن جي خلاف عورت مارچ انتظاميه لاهور هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪري ورتو رپورٽ موجب عورت مارچ جي آرگنائيزنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڊجيٽل آدم شماري، مهانگائي ۽ قدرتي وسيلن تي ڌاڙي خلاف قومي عوامي تحريڪ پاران مختلف شهرن ۾ پنڌ مارچ

مبارڪ سمون، سومار ماڇي، ابراهيم هنگورجو، گل حسن چانڊيو جي اڳواڻي ۾ سنڌياڻين سميت سوين ماڻهن پيادل مارچ ڪري ڌرڻو هنيو

مڪلي پارڪ کان ٺٽو شهر تائين 4 ڪلوميٽر پيادل قومي مارچ ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي ضلعي صدر شبير ڀٽي، عبيد جماري، ياسر جاکرو ڪئي

سنڌين کي پنهنجي وطن ۾ بي وطن ڪرڻ جي سازش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، حڪمران آئين کي مذاق بنائي ڇڏيو آهي: اڳواڻ

بدين/ٺٽو/ڪوٽڙي(نمائندا) سنڌ دشمن ڊجيٽل آدمشماري، مهانگائي، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن تي ڌاڙي خلاف قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي مختلف شهرن ۾ پيادل مارچ ڪيا ويا. ان ڏس ۾

ڪراچي ۾ اڪثريت وڃائڻ باوجود سنڌي وڏي دل وارا آهن، آدم شماري صحيح ٿيڻ گهرجي: ساجاهه وند

فيسٽيول ماڻهن کي پاڻ ۾ جوڙي ٿو، خواهش هئي ته سنڌي ۾ ڳالهايان، مزاحمت سنڌ مان ڦٽي نڪتي آهي: سينيٽر مشاهد حسين

سنڌ معيشت جو ذريعو آهي، ان ڪري دعاڳو آهيان ته سنڌ پاڪستان جو آمريڪا بڻجي وڃي: سليم صافي

رصغير ۾ انتهاپسندي جو مقابلو ثقافتي ادارن، اديبن ۽ صوفين ذريعي ڪيو ويو، لال شهباز قلندر تي جڏهن ڌماڪو ٿيو ته ٿوري دير بعد ٻيهر ڌمال شروع ٿي وئي: سردار شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملڪ جي ڏاهن چيو آهي ته سنڌي اڪثريت وڃائڻ باوجود وڏي دل وارا آهن. مزاحمت، پيار ۽ ثقافت سان سرشار آهن. سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

معمول کان 77 سيڪڙو گهٽ برساتون، فيبروري جي جائزو رپورٽ

اسلام آباد(م ڊ) موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته فيبروري ۾ معمول کان 77 سيڪڙو گهٽ برساتون پيون. موسميات کاتي پاران فيبروري لاءِ جاري ڪيل موسمياتي جائزي ۾ چيو ويو آهي ته هن سال فيبروري ۾ برساتون معمول کان گهٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

عمران خان پي ٽي آءِ لاهور جي اميدوارن جا نالا فائنل ڪري ڇڏيا

پي پي 148 مان عبدالڪريم، پي پي 149 مان مهر وسيم ۽ پي پي 152 مان وسيم قادر اميدوار هوندو

پي پي 170 مان ميان اسلم اقبال، پي پي 172 مان زبير نيازي ۽ پي پي 173 مان اصغر گجر جي نالن جي منظوري ڏني

لاهور (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف(پي ٽي آءِ) جي چيئرمين عمران خان پنجاب اسيمبلي جي چونڊن لاءِ لاهور مان پي ٽي آءِ جي اميدوارن کي فائنل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير اسحاق ڊار حج پاليسي بابت گڏجاڻي ۾ ويٺل آهي

پاڪستان ۾ جمهوريت جي نالي ۾ مارشل لا مڙهيل آهي: لال جروار

سنڌ جي ماڻهن کي پرامن جمهوري جدوجهد ڪرڻ ئي نٿي ڏني وڃي

پرامن احتجاجن تي دهشتگردي جون ڪوڙيون ايف آءِ آرون ڪٽيون پيون وڃن: حورالنساءِ پليجو

ڪراچي (ب ر) سنڌ لٽريچر فيسٽيول ۾ ”قومپرست سياست حال ۽ مستقبل“ جي موضوع تي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر لال جروار ۽ مرڪزي نائب صدر حورالنساءِ پليجو ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان موقعي تي عوامي تحريڪ ج/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

مظفرڳڙهه: وفاقي وزير شازيه مري ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

حيدرآباد ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي ڪائونسل جو اجلاس ٿي گذريو

حيدرآباد (ب ر) سجاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي ڪائونسل جو اجلاس مرڪزي صدر اعتزاز ڳائينچو جي صدارت ۾ ڊي ٽين پليجو هائوس، قاسم آباد حيدرآباد ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ سڄي سنڌ جي مختلف ضلعن جا آرگنائيزر ۽ سيڪريٽري ب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

بي آءِ ايس پي جي بجيٽ وڌي وئي، اسڪالرشپس ڏنيون وينديون

مظفر ڳڙهه ضلعي ۾ 6 ڊائنامڪ رجسٽري سينٽر قائم ڪيا ويا آهن: شازيه مري

بينظير ڊائنامڪ رجسٽري سينٽرن ۾ هن وقت تائين 8 لک 72 هزار سروي مڪمل ٿي چڪا آهن

مظفر ڳڙهه(م ڊ) وفاقي وزير شازيه مري خانڳڙهه ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت بينظير ڊائنامڪ رجسٽري سينٽر جو افتتاح ڪري ڇڏيو. ان موقعي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ ۾ ستين ڊجيٽل آدمشماري ٽئين ڏينهن به جاري، هزارين خاندان ڳڻپ کان رهجي وڃڻ جو خدشو

آدمشماري عملو سيڪيورٽي خدشن سبب گهوٽڪي جي ڪچي جي ڳوٺن ڏانهن نه ويو، ڪيترائي ڳوٺ گهرشماري کان رهجي ويا

شهدادڪوٽ ۾ الائونس کان محروم آدمشماري عملي جو سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

سڄاڻ ڌرين ڊجيٽيل آدمشماري کي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش قرار ڏئي ڇڏيو

حيدرآباد (نمائندن وٽان) سنڌ ۾ ستين ڊجيٽل آدمشماري ٽئين ڏينهن به جاري. ٻوڏ ۽ برسات سبب مختلف شهرن ۾ ترسيل هزارين خاندانن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

صدر پاڻ ئي پنجاب ۾ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏين: گورنر خيبرپختونخواهه

خواهش هئي ته صدر، چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ آئون گڏيل تاريخ ڏيون ها: غلام علي

انتظام ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم آهي، چاتايل تاريخ مان ڏيندس

پشاور (م ڊ) خيبرپختونخوا جي گورنر غلام علي چيو آهي ته صدر پاڻ ئي پنجاب ۾ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏين. خواهش هئي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

گهرشماري دوران عملو گهرتي نمبر هڻي رهيو آهي

چين دوستي جو حق ادا ڪري ڇڏيو، حڪمران اڃان تائين سامراج جا غلام بڻيل آهن: شيخ رشيد

چين مشڪل وقت ۾ پاڪستان سان دوستي جو حق ادا ڪيو آهي پر ان باوجود حڪمران اڃان تائين سامراج جا غلام بڻيل آهن

ملڪ جي تباهه حال صورتحال باوجود سياستدان وڊيو ۽ آڊيو ۾ ڦاٿل آهن. بجلي تي ساڍا 3 روپيه في يونٽ واڌ جو سرچارج لڳايو ويو آهي

صدر ته چونڊن جي 30 اپريل جي تاريخ ڏني آهي، پي ڊي ايم جي مشاورت جو فيصلو اڃان سامهون ناهي آيو، چونڊن ۾ ئي ملڪ جي بقا آهي

راولپنڊي (م ڊ) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه ۽ وفاقي وزير شيخ رشيد احمد چيو آهي ته چين مشڪل وقت ۾ پاڪستان سان دوستي جو حق ادا ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

عوامي مسلم ليگ سربراهه شيخ رشيد

پي آءِ اي حج اڏامن لاءِ ڀاڙن جو اعلان ڪري ڇڏيو

نارٿ ريجن لاءِ 910 ڊالر کان 1220 ڊالرز ڀاڙيو مقرر ڪيو ويو آهي: پي آءِ اي ترجمان

ڏکڻ ريجن جي پرائيويٽ حج مسافرن لاءِ ڀاڙو 870 ڊالر کان 1180 ڊالرز تائين هوندو

اسلام آباد (م ڊ) قومي ايئر لائين پي آءِ اي هلندڙ سال حج لاءِ فلائيٽ آپريشن ۽ پرائيويٽ حج ڀاڙن جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پي آءِ اي ترجمان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڊائريڪٽر آپريشنز پي ڊي ايم اي سنڌ هاءِ ڪورٽ دوري تي نوشهروفيروز پهتو

امداد حسين صديقي نوشهروفيروز جي ٻن ڏينهن جي دوري تي نوشهروفيروز پهتو

ڊي سي شاهزيب شيخ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين ۽ ٻين پاران بريفنگ

پي ڊي ايم اي جي ڊائريڪٽر آپريشنز ٽيم سان گڏ ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊائريڪٽر آپريشنز PDMA امداد حسين صديقي اڄ سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ جي حڪم تي نوشهروفيروز جي ٻن ڏينهن جي دوري تي نوشهروفيروز پهتو هن هاءِ ڪورٽ جي حڪمن جي روشني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: ڊائريڪٽر آپريشنز پي ڊي ايم اي امداد حسين صديقي جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

ترڪش ڪالوني مڪلي جي
ڊيسينٽ اسڪول مان چور ايل
سي ڊي چوري ڪري ويا

ٺٽو(ڊ ر) ترڪش ڪالوني مڪلي جي ڊيسينٽ اسڪول مان چور اسڪول ۾ لڳل ايل سي ڊي چوري ڪري ويا اسڪول انتظاميا پاران آهڙي شڪايت لکت ۾ ايس ايس پي ٺٽو کي ڏني وئي جنهن ايس ايڇ او مڪلي کي جاچ ڪرڻ جو حڪم ڏنو پر ايس ايڇ او مڪلي حاڪم ڪوسو ايس ايس پي ٺٽو جي حڪم کي ٽاڙيندي ڪو به قدم نه کنيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

تعلقه هيلٿ سينٽر ٽنڊو غلام حيدر جي اسپتال غريب مسڪين عوام لاءِ بي لاڀ بڻيل

مسڪين بيمار ماڻهو مرد عورتون ۽ ٻارڙا ويٽر دربدر ايڪسري الٽرا سائونڊ سميت سهولتن کان وانجهيل

تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جو وقت تي نه اچڻ ڪري هزارين مريض جنهن ۾ مرد عورتون پريشاني جي ور چڙهيل

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) تعلقه هيلٿ سينٽر ٽنڊو غلام حيدر جي اسپتال غريب مسڪين عوام لاءِ بي لاڀ بڻيل اسپتال ۾ علاج نه هجڻ ڪري هزارين مسڪين بيمار ماڻهو مرد عورتون ۽ ٻارڙا ويٽر دربدر ايڪسري الٽرا سائونڊ سميت مڙني سهولتن جي سخت اڻاٺ مقامي رهواسي علاج ڪرائڻ لاءِ لاچار ٿي ويا ان سلسلي ۾ يونين ڪائونسل جمال الدين لاشاري جي ڳوٺ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز جي سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاران ٽيم سان گڏ تفصيلي دورو

صفائي، اسپتال اندر دوائن ۽ ليبارٽري سميت ملندڙ سهولتن جي مريضن تائين رسائي بابت آگاهي

ڊبل او ٽي، الٽراسائونڊ جي سهولت، ليبارٽري ۾ سمورين ٽيسٽن جو ٽيڪ، چار ايمبولنسز موجود آهن

ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي، علي اڪبر ناريجو اعجاز ممنائي سعود ٻوهيو ۽ ٻيا پڻ ساڻس گڏ موجود هئا

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو پاران پنهنجي ٽيم سان گڏ سول اسپتال نوشهرو فيروز جو تفصيلي دورو ڪري ملازمن جي حاضري، صفائي، اسپتال اندر دوائن ۽ ليبارٽري سميت ملندڙ سهولتن جي مريضن تائين رسائي بابت آگاهي حاصل ڪئي ان موقعي تي سول سرجن جو چوڻ هو ته مون هڪ سال جي اندر اسپتال ۾ سمورين سهولتن آڻڻ لاءِ ڪوششون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو اسپتال جو دورو ڪندي

مليرجي ميمڻ ڳوٺ واري علائقي
مائي نيائي درگاهه پرسان سڙيل
نينگري جي واهر نه ٿي

ملير (رپورٽر) مليرجي ميمڻ ڳوٺ واري علائقي مائي نيائي درگاهه پرسان معصوم ٻارڙي روزينا شيخ باهه لڳڻ سبب سڙي پئي هئي جنهن جي ڪنهن به واهر نه ۽ والدين به غربت سبب علاج نه ٿا ڪرائي بي يارو مدد ٿي ڪنهن مسيحا جو انتظار پيا ڪن تفصيل موجب ميمڻ ڳوٺ لڳ مائي نيائي درگاهه پرسان جهوپڙين ۾ رهندڙ غريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف شهرن ۾ منشيات خلاف ڪريڪ ڊائون شروع

مالڪن ۾ ٽرٽلو متل ڪيترائي منشيات فروش پنهنجا نڪاٽا ڇڏي ڀرن ۾ لڪي ويا

نظرپور، نانگوشاه ۽ ڀهراڙي جي سوين ڳوٺن ۾ پوليس جي اچانڪ چرپر ڪانپوءِ بند ڪيو ويو

زهريلو ڪاروبار ڪنهن ٻي مختلف جاين تي لڪ ڇپ ۾ شروع ڪرڻ لاءِ سرگرم بڻيل آهن: ذريعا

ٽنڊو غلام حيدر (ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف شهرن ۾ منشيات خلاف ڪريڪ ڊائون شروع مين پڙي فيڪٽري مالڪن ۾ ٽرٽلو متل ڪيترائي منشيات فروش پنهنجا نڪاٽا ڇڏي ڀرن ۾ لڪي ويا ٻي طرف منشيات فروشن پاران ڳوٺن ۽ ٻين مخصوص جاين تي ٻيهر مين پڙي جون ننڍيون ننڍيون فيڪٽريون قائم ڪرڻ لاءِ اٽا بڻيل جڏهن ته گذريل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

سنڌ رائٽرز فورم جي صوبائي صدر اعجاز ممنائي پاران خادم حسين الحسيني کي مبارڪون

حسين الحسيني کي ايران جي يونيورسٽي مان PHD ڪري اچڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي

علمي ۽ ادبي شخصيتن جو قدر ڪرڻ زميوارين ۾ شامل آهي، سهائتا جاري رهنداسين: اڳواڻ

سنڌ جو دورو ڪندس ته جيئن محبت جي ڌرتيءَ تي محبت ڀريو ماحول پيدا ٿي سگهي: ڳالهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) سنڌ رائٽرز فورم پاڪستان صوبه سنڌ جي صدر اعجاز ممنائي پاران مولانا خادم حسين الحسيني کي ايران جي يونيورسٽي مان PHDڪري اچڻ تي سندس ابائي ڳوٺ وڃي مبارڪباد ڏني ۽ سنڌ جي ثقافت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز: سنڌ رائٽرز فورم جي صوبائي صدر اعجاز ممنائي پاران خادم حسين الحسيني کي مبارڪون

دولت پور جي ملاح برداري جي
نيڪ مرد سردار علي بخش جو
چاچو لاڏاڻو ڪري ويو

دولت پور صفن (رپورٽر) دولت پور جي ملاح برداري جي نيڪ مرد سردار علي بخش ملاح جو چاچو ۽ سيٺ علي نواز ملاح جو وڏو ڀاءُ محمد اسلم ۽ جاني ملاح جو والد مولا بخش ملاح هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي نماز جنازه ملاح ڪوٽ ۾ ادا ڪئي وئي سندس نماز جنازه ۾ دولت پور جي سياسي سماجي اڳواڻن دولت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر بابو مل فيلڊ ۾ موٽر سائيڪل تي ڪرڻ لڳو

ننڍين گهٽين ۽ محلن ۾ ڊسٽرڪٽ سپرينڊنٽ وئڪسينيشن سان گڏجي دورو ڪيو ويو

هر قسم جي ٿيندڙ وئڪسينيشن واري عمل کي چيڪ ڪيو ۽ وئڪسينيٽرن ٽيمن کي شاباس ڏني

ڪوشش آهي ته ضلعي جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪو به معصوم ٻار وئڪسينيشن کان رهجي نه وڃي: بابو مل

ڪنڌڪوٽ(رپورٽ:غالب بلوچ) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر بابو مل فيلڊ ۾ موٽر سائيڪل تي ڪرڻ لڳو گذريل ڏينهن ڊي ايڇ او ڊاڪٽر بابو مل شهر جي ننڍين گهٽين ۽ محلن ۾ ڊسٽرڪٽ سپرينڊنٽ وئڪسينيشن سيد افتخار شاهه سان گڏجي شهر جي پرپاسي وارن ڳوٺن ۽ شهر جي تنگ گهٽين ۽ محلن ۾ فيلڊ ورڪ ڪندي ننڍي ٻارڙن جي هر قسم جي ٿيندڙ وئڪسينيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

گلاب لغاري پرسان صوفي شاعر ۽ راڳي صوفي عيسيٰ فقير جي عرس تي تقريب منعقد

وصال بعد پهرين عرس مبارڪ جي هڪ روزه تقريب ڳوٺ اميربخش لغاري ۾ ٿي گذري

صوفياڻا ڪلام ڳائي درگاهه ولي محمد لغاري جي گادي نشين نواب امداد لغاري چادر چاڙهي

فقير عبدالمجيد جتوئي، رامچند ، پورو ڀڳت پٽ شاهي مينڊرو فقير گل حسن لغاري آچر فقير شامل

گلاب لغاري (رپورٽ: گلزار لغاري) گلاب لغاري پرسان سنڌ جي مشهور صوفي شاعر ۽ راڳي صوفي نانگا فقير سنگ جي اڳوڻي سرواڻ عيسيٰ فقير جي وصال بعد پهرين عرس مبارڪ جي هڪ روزه تقريب ڳوٺ اميربخش لغاري ۾ ٿي گذري تقريب جي شروعات سنڌ جي مختلف درگاهن کان آيل فقيرن جي سنگن پاران صوفياڻا ڪلام ڳائي درگاهه ولي محمد لغاري جي گادي نشين نواب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

گلاب لغاري: صوفي شاعر ۽ راڳي صوفي عيسيٰ فقير جي عرس جي منعقد تقريب جو ڏيک

ڳچاڻي پرسان 6 مهينا اڳ سم
نالي کي لڳل ڳهارا بند نه ٿيڻ
خلاف احتجاج

نواب شاهه (رپورٽر) ڳچاڻي پرسان 6 مهينا اڳ سم نالي کي لڳل ڳهارا بند نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو. ڳوٺاڻن دودو خان پنگوار عبدالڪريم بروهي محمد امين پنگوار جي اڳواڻي ۾ ڳهاري واري هنڌ احتجاجي مظاهرو ڪيو مظاهرين چيو ته گذريل برساتن دوران سم نالي جي ڳهاري يوسي اسماعيل خان بروهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سيراڻي شهر ويجهو ملواڻي اسٽاپ تان چور دڪان جا تالا ٽوڙي سامان کڻي ويا

مشين سان تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان ۽ ٻه لک روپيه روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا

چوري ٿيل سامان ۾ ڀاڻ 5 ڪٽا ڪڻڪ 4 ڪٽا چانور 10 ڪٽا اٽو ۽ ٻه لک روپيه رقم هڏائي پئي وڃي

ريزڪي جو واپاري آهيان پيٽ گذر ڪرڻ خاطر هتي آيو آهيان مون سان وڏو ظلم ٿيو آهي: سيٺ شام لال

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) سيراڻي شهر ويجهو ملواڻي اسٽاپ تان نامعلوم چور دڪان جا مشين سان تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان ۽ ٻه لک روپيه روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا. تفصيل موجب سيراڻي شهر ويجهو ملواڻي اسٽاپ تان رات دير سان نامعلوم چور ٽالپي بولاخان جي ديوان واپاري سيٺ شام لال جي دڪان جا تالا ٽوڙي لکين رپين جو سامان چوري ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سماجي تنظيم ينگ مسلم ڪتري ويلفيئر سوسائٽي جي اليڪشن ۾ عهديدار ڪامياب

الهنواز ڪتري، نائب صدر شوڪت علي عبدالغفور، جنرل سيڪريٽري محمد ياسين ڪامياب

اليڪشن ڪميٽي حاجي عبدالغفور اسماعيل جا ٿايل پينل جي بنا مقابلي ڪاميابي جو اعلان ڪيو

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) سماجي تنظيم ينگ مسلم ڪتري ويلفيئر سوسائٽي بدين جي سال 2023_24 لاءِ اليڪشن، سمورا عهديدار بنا مقابلي ڪامياب. رپورٽ موجب صدر جي عهدي لاءِ الهنواز ڪتري، نائب صدر شوڪت علي عبدالغفور، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

منشيات جي وڪري خلاف آواز اٿارڻ جي ڏوهه ۾ گرفتاريون ڪيون پيون وڃن: سنڌو نواز

مون سميت احتجاج ڪندڙ ساٿين تي بي گناه تشدد ڪيو ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو ويو

ضلعي نوشهروفيروز ۾ بدامني عروج تي ۽ پوليس صرف ڪمداري ۾ مصروف آهي

نوشهروفيروز (ڊ ر) يوٿ ايڪشن ڪميٽي اڳواڻن سنڌو نواز گانگهرو ، حمزعلي چانڊيو ۽ ماهنور شيخ پريس ڪلب نوشهروفيروز ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ اندر وڌندڙ بدامني ۽ منشيات جي وڪري خلاف آواز اٿارڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: يوٿ ايڪشن ڪميٽي جا اڳواڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

دادو ۾ بدامني جو راڄ برقرار، چورين ۽ ڦرن جو آزار نه گهٽجي سگهيو

ڊي سي آفيس مان نئين موٽرسائيڪل چوري ٿيڻ کي ڪيترائي ڏينهن گذريا ويا

ايس ايڇ او اي سيڪشن سان ملڻ جي باوجود به موٽر سائيڪل نه ملي سگهي

دادو(ن سنڌيار)دادو ۾ بدامني جو راڄ برقرار چورين ۽ ڦرن جو آزار نه گهٽجي سگهيو چورين ڦرون روز جو معمول بڻيل نجي ٽي وي جي رپورٽر صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

همدرد اداري جي حڪيم محمد سعيد جي وفد پاران شهيدن جي مزارن تي حاضري

همدرد يونيورسٽيءَ کان آيل پروفيسرن جي ٽيم ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ دورو ڪيو

ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي سرزمين گهمي ڏاڍو سڪون آيو: وفد پاران ميڊيا سان ڳالهيون

نئون ديرو (رپورٽ شاه محمود ڀٽي) همدرد اداري جي باني شهيد حڪيم محمد سعيد جي وفد پاران سيائي شاهنواز ڀٽو لائبريري لاڙڪاڻي ۾ ٿيندڙ 14 سيمينرز جي موقعي تي همدرد يونيورسٽيءَ کان آيل پروفيسرن جي ٽيم ڳڙهي خدا بخش/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

اليڪٽرڪ اينڊ اليڪٽرانڪس يونين ڪي اين شاهه سال 2023ع جي باڊي چونڊبي وئي

نئين چونڊيل باڊي ۾ صدر عرفان علي زنگيجو، نائب صدر علي محمد قمبراڻي چونڊيا ويا

اسان هر محاذ تي پنهنجي اليڪٽرڪ ۽ اليڪٽرانس جي دڪاندار ڀائرن سان گڏ آهيون: عهديدار

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ:برڪت علي چانڊيو) اليڪٽرڪ اينڊ اليڪٽرانڪس يونين خيرپور ناٿن شاهه سال 2023 جي نئين باڊي چونڊي وئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

خيرپورناٿن شاهه: چونڊيل عهديدار گڏ بيٺل آهن

غوٺپور ۾ مهينو اڳ پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل ٻن ڄڻن جي وارثن پاران درخواست

اسد الله ۽ مير جي ناحق قتل خلاف وارثن لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي

عدالت حصو وٺندڙ ايس ايڇ او سميت ستن ماڻهن خلاف ڪيس به داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

غوٺپور (عبدالنبي ملڪ) غوٺپور هڪ مهينو اڳ غوٺپور پوليس جي مبينه مقابلي ۾ مٿن انڊس هاءِ وي تي مارجي ويل ٻن پورهيتن اسد ۽ مير شيخ جي ناحق قتل خلاف سندس وارثن جو لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل عدالت وارثن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

پاڪستان فشر فوڪ فورم ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي، مصطفيٰ ميراڻي پاران آفيس جو افتتاح

تنظيم جي مهراڻ شاهه ڌڙي طرفان مصطفيٰ ميراڻي تي تنظيم کي نقصان پهچائڻ جا الزام هنيا ويا

ناراض اڳواڻ مصطفيٰ ميراڻي ڌار آفيس جو افتتاح ڪندي فشر فوڪ فورم ۾ ڌڙا بندي جو اعتراف ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان فشر فوڪ فورم ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي، مصطفيٰ ميراڻي ڌڙي آفيس جو افتتاح ڪري ڇڏيو. مهراڻ شاهه ڌڙي طرفان مصطفيٰ ميراڻي تي تنظيم کي نقصان پهچائڻ جا الزام هنيا ويا آهن ابراهيم حيدري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڪراچي: پاڪستان فشر فوڪ فورم جا اڳواڻ آفيس جو افتتاح ڪري رهيا آهن

بااثر عورت جي زيادتين خلاف جهڏو واسي عورتن جون نئون ڪوٽ ۾ احتجاجي مظاهرو

هاشم ڪالوني جي رهواسڻ نصيبان ۽ پري نئون ڪوٽ پريس ڪلب پهچي مظاهرو ڪيو

بااثر عورت عائشه شاهه ٻلاجواز اسلم ڪوسو ۽ ٻين جي هٿان حملو ڪرائي پيچ ڊاهه ڪئي: الزام

نئون ڪوٽ (رپورٽر) بااثر عورت جي زيادتين خلاف جهڏو واسي عورتن جون نئون ڪوٽ پريس ڪلب تي احتجاج، خبر موجب جهڏو جي هاشم ڪالوني جي رهواسڻ نصيبان ۽ پري نئون ڪوٽ پريس ڪلب پهچي صحافين اڳيان دانهيندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهرو فيروز پاران ڪاهي ممن ۾ مڇرمار اسپري ڪرائڻ جو آغاز

ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو پاران سموري ضلعي سميت سمورن برسات علائقن ۾ اسپري ڪرايو ويو

علائقي ۾ ستن مهينن کان مسلسل برساتي پاڻي بيهڻ سبب مڇرن ۾ اضافو ٿي ويو آهي: اسدالله ڪلهوڙو

نوشهرو فيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر نوشهرو فيروز ڊاڪٽر اسدالله ڪلهوڙو پاران سموري ضلعي سميت سمورن برسات متاثر علائقن بالخصوص يونين ڪائونسل ڪاهي ممن ۾ مڇرمار اسپري ڪرائڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

تعلقه پريس ڪلب واره جو هڪ اهم اجلاس ، جنرل باڊي متفق راءِ سان چونڊي وئي

گڏيل متفق راءِ ۽ سمورن ميمبرن جي مختصر ڪارڪردگي جي بنياد تي جوڙي وئي

طالب حسين چانڊيو، سينيئر نائب صدر، بشير لطيفي، نائب صدر، عبدالجبار تنيو چونڊيا ويا

واره (رپورٽ:طالب حسين چانڊيو) تعلقه پريس ڪلب واره جو هڪ اهم اجلاس 04 03 2023 بروز ڇنڇر پريس ڪلب جي باني اڳواڻ طالب حسين چانڊيو ۽ بشير لطيفي جي صدارت هيٺ ٿي گذريو، اجلاس جي ڪاروائي تلاوت ڪلام پاڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

واره: چونڊيل عهديدار گڏ بيٺل آهن

ڪراچي پبلڪ اسڪول ڄام عبدالڪريم بجار ۽ محمد ساجد جوکيو جي مان ۾ آجياڻو

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جي چيئرمين علي حسين بروهي، بخش علي لاکو ۽ ٻين جي شرڪت

پرنسپال ڪرنل رفيق حسين گهوٽو (رٽائرڊ) وائيس پرنسپال ڪرنل عبدالناصر (رٽائرڊ) ۽ ٻين شرڪت ڪئي

مثالي ادارو آهي جتان شاگرد تعليمي زيور سان سينگارجي اعلا عهدن تائين پهچن ٿا: ڄام عبدالڪريم بجار

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر پنهور) پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي ۾ ڄام عبدالڪريم بجارخان ايم اين اي ۽ محمد ساجد جوکيو منسٽر سوشل ولفيئر جن جي مان ۾ تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ڪراچي: پبلڪ اسڪول ڄام عبدالڪريم بجار ۽ محمد ساجد جوکيو جي مان ۾ ڏنل آجياڻي جو ڏيک

دادو ۾ استادن جي تنظيم پ ٽ
الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 5
ڏينهن به احتجاج

دادو(رپورٽ:عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ استادن جي تنظيم پ ٽ الف دادو ٽائون ۽ پ ٽ الف تعلقي دادو جي اڳواڻ پاران پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ 5 ڏينهن به پريس ڪلب اڳيان امتياز لند، عنايت علي جمالي، امان الله هنگورو، الهبچايو ميٺو، محمد وسيم ڪوڪر، جهندو خان ٻير، اياز احمد ٿيٻو، صابر علي ڏاوچ ۽ ٻين استادن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شيرازي فارم وٽ ڳوٺ مراد پالاري وٽ روڊ تي ڦرجو واقعو، موٽر سائيڪل ڦر

هٿيارٻندن پرو ميربحر کي روڪي ڪانس موٽر سائيڪل ڦرڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

علائقي ۾ ڦرجي وارداتن سبب عوام ۾ سخت خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي: علائقي واسي

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) شيرازي فارم وٽ ڳوٺ مراد پالاري وٽ روڊ تي ڦرجو واقعو گذريل رات درگاهه ستين پرسان ڳوٺ خالو ميربحر جو رهواسي پرو ميربحرشيرازي فارم ويجهو ڳوٺ مراد پالاري روڊ تان گذري رهيو هو ته منهن تي رومال رکي ٻن هٿيارٻندن پرو ميربحر کي روڪي ڪانس موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي نوجوان پاران مزاحمت ڪرڻ تي سندس مٿان تشدد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو ۾ 400 بسترن تي مشتمل شهيد بينظير ڀٽو ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال جو افتتاح

انتظام ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال جو افتتاح ڪري لمس جي وي سي اڪرام الدين اڄڻ حوالي

سيف الله ڊائريڪٽر جنرل محمد جمن باهوٽو ڊي ايڇ او شاهد حسين شيخ سول سرجن شريڪ ٿيا

ضلعن جي ماڻهن جي خدمت ڪندا انشاءالله هن اسپتال ۾ هر سهولت ڏني ويندي: پير مجيب الحق

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ تيار ٿيل 435 بسترن تي مشتمل جديد اسپتال شهيد بينظير ڀٽو ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال اڄ باضابطه طور تي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائينسز ڄامشورو (لمس) جي انتظام هيٺ هلائڻ جو فيصلو ڪيو ويو، لمس جي وائيس چانسلر اڪرام الدين اڄڻ جي حوالي دادو جي نئين اسپتال ڪرڻ واري هڪ پروگرام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو: 400 بسترن تي مشتمل اسپتال جي افتتاحي تقريب جو ڏيک

شاگرد جدوجهد جي ڏهاڙي جي
حوالي سان استاد بخاري گورنمينٽ
ڪاليج ۾ تقريب

دادو(ن سنڌيار) 4 مارچ شاگرد جدوجهد جي ڏهاڙي جي حوالي سان استاد بخاري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج جي شاگردن ايوبي آمريت خلاف تعريبازي ڪندي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي اڳواڻ شاگردن استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو کان ريلي جي صورت ۾ شاگردن جي حقن لاءِ احتجاج ڪندي دادو پريس ڪلب پهتا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڏيئي ٽاڻي جي حدن اندر منشيات جي سرعام وڪري خلاف سماجي اڳواڻن جو احتجاجي مظاهرو

مهراڻ درس، مرتضا شام، امتياز فوجي ۽ ٻين دانهيندي پوليس خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو

پوليس منشيات وڪرو ڪندڙن کي علائقي ۾ منٿلي عيوض کلي ڇوٽ ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي: مظاهرين

هڪ هفتي اندر علائقي ۾ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي نه ڪئي وئي ته ڌرڻو هنيو ويندو

ٽنڊو باگو (رپورٽر) ڏيئي ٽاڻي جي حدن اندر منشيات جي سرعام وڪري خلاف سماجي اڳواڻن جو پوليس خلاف سخت احتجاج جو چتاءُ ميڊيا اڏو مهراڻ درس، مرتضا شام، امتياز فوجي ۽ ٻين داهيندي چيو ته ڏيئي ٽاڻي جي حدن نوتڪاڻي موڙ، ڪڏهرو شهر، ڏاڏا اسٽاپ سميت پرپاسي وارن ڳوٺن ۾ منشيات جو وڪرو سرعام ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري علائقي جو نوجوان نسل تباهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو ۾ پريس ڪلب جي ڪانفرنس هال ۾ ديدار علي شيخ جي 28 هين سالگره

صدر صابر پنڊ، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي اڳواڻ گلن پنڊ ۽ ٻين ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي

آصف علي سومرو، ڪامران ڪورائي، واجد علي ملاح، غلام مصطفيٰ پنهور، فاروق ڪورائي شريڪ ٿيا

صحافتي دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ زندگي جا تلخ تجربا ٿيا آهن، سچائي سان ڪم ڪرڻ گهرجي: ديدار علي شيخ

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ پريس ڪلب جي ڪانفرنس هال ۾ نوجوان صحافتي ديدار علي شيخ جي 28 هين سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو، دادو پريس ڪلب جي صدر صابر پنڊ، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي اڳواڻ گلن پنڊ، سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو: صحافتي ديدار علي شيخ جي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

ڪنڌڪوٽ ۾ جساف جسقم جي
مرڪزي سڏ تي 4 مارچ 1967 جي
شهيدن لاءِ ريلي

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) جساف جسقم جي مرڪزي سڏ تي 4 مارچ 1967 جي جوڌن لاءِ احتجاجي ريلي ڪيڍي وئي. جساف اڳواڻ حفيظ سنڌي بشام سنڌي فائق سنڌي جسقم اڳواڻ والي ڏنو سنڌي بشير خان الله داد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 4 مارچ 1967ع سنڌ جي شاگرد جدوجهد جي تاريخ ۾ هڪ نمايان اهميت وارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

راڄو خانائي جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول شيدي محلا ۾ ڪلاس رومن جي کوٽ

150 کان وڌيڪ شاگردن پاران ڪلاس رومن کان ٻاهر اس ۾ ويهي تعليم حاصل ڪرڻ لڳا

محمد اسحاق قمبراڻي، مس بينا لوهاڻه، محمد شريف خاصخيلي، مير باجن ٽالپر پاران احتجاج

ڪلاس روم تعمير ڪرائي شاگردن ،والدين ۽ استادن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) راڄوخانائي شهر جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول شيدي محلا ۾ ڪلاس رومن جي کوٽ. 250 شاگردن لاءِ صرف 2 ڪلاس روم هجڻ ۽ 150 کان وڌيڪ شاگردن پاران ڪلاس رومن کان ٻاهر اس ۾ ويهي تعليم حاصل ڪرڻ خلاف اسڪول جي سوين شاگردن ۽ استادن پاران سائين محمد اسحاق قمبراڻي، مس بينا لوهاڻ، محمد شريف خاصخيلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٺٽي شهر سان تعلق رکندڙ سماجي ورڪر جاويد حمال ميمڻ پاران ساجاهه وندن جي گڏجاڻي

شهرين جي بنيادي حقن، منشيات سبب ٿيندڙ نسلي تباهي، پورهيتن جي ٿيندڙ ظلمن تي ڳالهيون

عوامي رابطا تحريڪ جي مرڪزي چيئرمين ايڊووڪيٽ غلام سرور پليجو، ميڊم تنزيلا پليجو شرڪت ڪئي

انيڪ مسئلا آهن، هتي اسڪولن ۾ تعليم ناهي ۽ اسڪولن جو عمارتون زبون حالي جو شڪار آهن: ساجاهه وند

ٺٽو (رپورٽ:جاويد ميمڻ) ٺٽي شهر سان تعلق رکندڙ سماجي ورڪر جاويد حمال ميمڻ پاران ٺٽي شهر جي آمري اسٽاپ ٺٽو تي شهر سان تعلق رکندڙ باشعور شهرين ۽ ساجاه وندن جي هڪ گڏجاڻي رکي وئي گڏجاڻي ۾ ٺٽي ضلعي جي شهرين جي بنيادي حقن، منشيات سبب ٿيندڙ نسلي تباهي، پورهيتن جي ٿيندڙ ظلم ۽ استحصال، مهانگائي سبب عام شهرين جي ذاتي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽو:وڌندڙ سماجي برائين خلاف اڳواڻ گڏجاڻي ڪري رهيا آهن

دولت پور صفن ۾ زمين تي
قبضي تان سليم باجاري خلاف
سيد برداري جو احتجاج

دولت پور صفن (رپورٽر) درگاهه جي گادي ۽ نشين جي زمين تي قبضي خلاف سليم باجاري خلاف سيد برداري جو احتجاج سيوهڻ شريف لڳ درگاهه شريف لڪي شاهه صدر جي گادي ۽ نشين سيد حاجي شاهه محمد شاهه جي زرعي زمين 600 ايڪڙن مٿان سي ايم سنڌ سيد مراد علي شاهه جي پرنسل سيڪٽري سليم باجاري ايسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

انڊسٽريل ٽائي جي حد ۾ پوليس جي سرپرستي ۾ هلندڙ منشيات جي اڏن خلاف احتجاج

منشيات جي اڏن جي نشاندهي ڪرڻ تي اصغر بروهي کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون

علائقي ۾ ڪريٽ ۽ ڏوهارين سان هٿ بٽيل اهلڪارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي: ساجاهه وند

فوري طور پتا خور ۽ منشيات فروشن جي سپورٽر پوليس اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ:باغي ساگر پنهور) انڊسٽريل ٽائي جي حد ۾ پوليس جي سرپرستي ۾ هلندڙ منشيات جي اڏن جي نشاندهي ڪرڻ تي صحافي اصغر بروهي کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون. صحافين ۽ مختلف سياسي سماجي ڌرين پاران ڌمڪين جي مذمت ڌمڪيون ڏيندڙ اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو. تفصيل موجب نئين ڪراچي انڊسٽريل ايريا ٽائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر:
اعجاز مهر

آچر 5 مارچ 2023ع

امن امان کي بهتر بڻائڻ حڪومت جي پهرين ترجيح هئڻ گهرجي

سکر سميت اتر سنڌ ۾ بدامني خلاف هاءِ ڪورٽ بار سکر جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري جي درخواست تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي جسٽس صلاح الدين پنهور ۽ جسٽس عبدالمبين لاکو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻيءَ دوران جسٽس صلاح الدين پنهور آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کان پڇاڻو ڪندي چيو ته رياست ماءُ هوندي آهي. پنجاب ۾ اهڙي صورتحال ناهي. اتر سنڌ ۾ ائين ڇو آهي؟ هتي جنگ جهڙي صورتحال آهي. ماڻهو اغوا. قتل ٿين پيا. ڌاڙيل مغوين ۽ نياڻين سان زيادتيون ڪن پيا. ڪو هندو محفوظ ناهي. ڌاڙيلن جي سرپرستي ڪندڙ انڊر ورلڊ. وائيٽ ڪالر ۽ سردارن کي وائکو ڪري ڪچيءَ ۾ هٿ وجهو. جسٽس صلاح الدين پنهور رمارڪس ۾ وڌيڪ چيو ته سنڌ پوليس کي ملٽري گريڊ جا هٿيار ڏيو يا وري آرمي سان گڏ ڌاڙيلن خلاف گڏيل آپريشن ڇو نٿو ڪيو وڃي؟ ان تي آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ چيو ته جن ضلعن ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي. اتي ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي ايس پي لڳايا ويا آهن. جلد صورتحال تي ڪنٽرول ڪيو ويندو.

آءِ جي سنڌ جيتوڻيڪ عدالت ۾ اِها خاطري ڪرائي آهي ته جلد ڏوهن تي ڪنٽرول ڪيو ويندو. پر هڪ عرصي کان اسين اهڙيون ئي خاطريون ٻڌندا اچون پيا پر صورتحال جيئن جو تيئن ئي رهي ٿي. جيڪڏهن ساهي اچي به ٿي ته اُها ڪجهه وقت لاءِ. وري ساڳيا لاٽون ساڳيا ڇُڪهه جهڙي حالت آهي. اُن جو ڪارڻ اِهو آهي جو سنڌ حڪومت ڪڏهن به امن امان جي صورتحال کي پنهنجي ترجيحن تي ناهي رکيو. بلڪ پارٽيءَ جي اڪثر ميمبرن جي جاگيردارائي سوچ آهي. جيڪي اِن قسم جي ڌڪاءَ جو هميشه فائدو وٺندي پنهنجن ماڻهن کي ڪنٽرول ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ڪو پوليس آفيسر امن امان جي صورتحال لاءِ ڪوششون به وٺندو آهي ته اُن کي ضلعي مان بدلي ڪرائي پنهنجي مرضيءَ جو ماڻهو آڻيندا آهن. جنهن ڪري ڌاڙن. ڦرن ۽ ٻين ڏوهن جو سلسلو هلندڙ آهي. اسين سمجهون ٿا قانون ايترو ڪمزور ناهي. بلڪ ويجهي ماضيءَ ۾ ته پوليس آفيسرن مثال به قائم ڪري ڏيکاريا آهن. خاص ڪري شڪارپور جن ڌاڙن ۾ ڏوهن جو ڳڙهه هوندي هئي. تڏهن ايماندار پوليس آفيسرن نه رڳو امن امان جي صورتحال کي بحال ڪرائي ڏيکاريو. پر ترجي وڏيرن کي به گيسٽون ڪرايون هيون. اِئين حيدرآباد به پُرامن ٿي ويو هو. چوڻ جو مطلب ته جيڪڏهن سنڌ جا نمائندا چاهين ته پندرهن ڏينهن اندر سنڌ مان نه رڳو ڌاڙيلن جو خاتمو ٿي سگهي ٿو. پر سنڌ هميشه لاءِ امن جو گهوارو به بڻجي سگهي ٿي. پر لڳي اِئين ٿو ته سنڌ جا ذميوار فرد جاگيردار ميمبرن جي منشار آڏو مجبور آهن ۽ اُهي اهڙي قسم جي سخت قدم کڻڻ کان پاسو ڪري رهيا آهن. اسين سمجهون ٿا عدالت سنڌ جي وڏي وزير کي موقعو فراهم ڪيو آهي ته اُهو سنڌ ۾ امن قائم ڪرڻ جو مشن پنهنجن هٿن ۾ کڻي. اُن سان نه رڳو سنڌ اندر ڪاروباري سرگرمين ۾ اضافو ٿيندو. پر تعليم توڙي سياحت کي به هٿي ملندي.

اِها به حقيقت آهي ته مختلف وقتن تي ڌاڙيلن خلاف آپريشن ٿيندا رهندا آهن. پر اُهي ايترا ڪمزور ۽ بي نتيجا هوندا آهن جو ڌاڙيلن جو مَنُ ويتر وڌي ويندو آهي. هاڻ ته سوشل ميڊيا ذريعي ڌاڙيل پنهنجن هٿيارن جي به نمائش ڪندا رهن ٿا. ٻي طرف پوليس وٽ ورهيه پراڻيون رائفلون آهن. جن جو نه ته ايترو مارُ آهي نه وري اُهي جديد هٿيارن سان مقابلي ڪرڻ جي قابل آهن. اُن لاءِ ضروري آهي ته پوليس کي جديد هٿيار مهيا ڪيا وڃن. بلڪ ڌاڙيلن خلاف آپريشن لاءِ ڊرون ڪئميرائن ۽ جهازن جو به استعمال ڪري سگهجي ٿو. جيستائين ڌاڙيلن کي بيوس نه بڻايو ويندو. تيستائين اِهو ڪلچر ختم ٿيڻ جو ناءُ نه وٺندو. ڌاڙيل فيڪٽر کان علاوه سنڌ ۾ قبيلائي تڪرارن کي هميشه ختم ڪرڻ لاءِ به سخت قانون سازيءَ جي ضرورت آهي. پهريان ته اخلاقي طور ڌرين کي سمجهايو وڃي ته پنهنجن ۽ مخالفن جي ٻارن کي يتيم ٿيڻ کان بچايو. جيڪڏهن اِن ڳالهه تي اُهي رضامندي نه ڏيکارين ته پوءِ اُنهن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ اِن ڳالهه کي به يقيني بڻايو وڃي ته غيرت يا دشمنيءَ جي ناءُ تي قتل ڪندڙ ڪنهن به شخص کي معافي نه ملندي. بلڪ اهڙي ڏوهاريءَ کي قرار سزا ڏئي ٻين لاءِ مثال قائم ڪرڻ گهرجي ته جيئن اِنهيءَ خرافات مان هميشه لاءِ جند آجي ڪرائي سگهجي. اسين سنڌ حڪومت مان اُميد ٿا ڪريون ته اُها انتظامي گهرجون پوريون ڪندي سنڌ ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺندي ته جيئن ماڻهو پُرسڪون زندگي گذارڻ جي قابل ٿي سگهن.

ڊيموڪريٽڪ ليڊر ڪامريڊ جام ساقي

عبداش پنهور

ڪنهن جهُڳي ۽ جهوپڙي تائين ڪو ڏاڙهي وارو ”حاجي صاحب“ لوڪ پڇاربو هو ته تنهن ماڻهو جو اهو روپوش نالو سنڌ سميت سنسار ۾ ڪامريڊ جام ساقي آهي. ڪامريڊ جام ساقي جا روپوش واري واري دور ۾ روپوشي جا ٿاڪ رڳو ڪنهن ڪنهن کي جيڪڏهن ڄاڻ ۾ هوندا هئا سنڌس سڳو ڀاءُ ڊاڪٽر سلطان به هڪڙي ڀيري اڻ ڄاڻائي دوران ٿاڪ تي پهتو ته ڪامريڊ جام ساقي کان ڇرڪ نڪري ويو ته سنڌس سڳي ڀاءُ کي اهو ٿاڪ ڪنهن ٻڌايو آهي. راز ڪٿان فاش ٿيو آهي؟ ڪامريڊ جام ساقي جي پارٽي جنهن کي ڳجها ادارا به ملٽري ڪورٽ ۾ ”پارٽي. پارٽي سڪٽي لفظ سان اظهار ڪندا هئا تنهن پارٽي جو نالو به نه وٺندا هئا ته متان ڪير رنج ٿئي تڏهن هن ڪيس جي وڪيل يوسف لغاري آڏي پڇا وقت پڇاڳاڇا وارن ادارن جي اهلڪارن کان سوال هو هو ته ”اها پارٽي ڪهڙي آهي. ٽي پارٽي آهي. ڊنر پارٽي يا وري لنچ پارٽي آهي تنهن پارٽي جو نالو ڇا آهي؟“ تڏهن به قيدي جيڪي ملڪ دشمن الزام ۾ ڪپڙيا ويا هئا انهن جا اشارا خطرناڪ راز هوندا هئا ڪنهن چيو ته ” ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان “ تڏهن هڪڙي حساس اداري جي عملدار چيو ته ” ها اها پارٽي“ ڪامريڊ جام ساقي ڳالهيون ڪندو هو ته آمريتي عذاب گهرمان 9 آگسٽ 1980ع تي شهيد نظير عباسي جو چچريل لاش ملڻ کان پوءِ اسان سيني باندين تان مارڌاڙ گهٽجندي آهستي آهستي ختم ٿي وئي تشدد بند ڪيو ۽ مختلف جيلن ڏانهن موڪليو ويو. شهيد نظير عباسي جي شهادت عذاب گهرکي ڇرڪائي ڇڏيو هو فوجي مارشل لائي حڪمران پريشان ٿي ويا ڇو ته 9 آگسٽ جي واقعي کان پوءِ ڪميونسٽ ڪيڊر سخت ردعمل ڏيکاريو هو عالمي طور خبرون ماسڪو کان بي بي سي لنڊن تائين دنيا جي خبرو ادارن ۾ پکڙجي ويون جنهن سبب تمام وڏو ردعمل آيو جنهن ردعمل فوجي حڪمران کي صفا ڪنبڻي ڏياري ڇڏي هئي ته هاڻ جيڪڏهن اڳتي وڌيڪ حرڪت سان عذاب گهر ۾ ڀيو مري ويو يا ماريو ويو ته تنهن جا نتيجا خطرناڪ نڪري سگهن ٿا. بظاهر شهيد نظير عباسي جي شهادت تمام وڏو سياسي قتل ۽ واقعو تنهن ڪري به اهم هو ته ڀٽو کي عدالتي ڦاسي سزاءِ موت کان پوءِ هي تمام وڏو واقعو ۽ سياسي قتل هو جنهن قتل واقعي کي لڪائڻ لاءِ اهو به ڪوڙ هُلايو ويو ته نظير عباسي کي دل جو دورو پيو جنهن سبب فوتگي ٿي اهڙو ڪوڙ اڳ برک ڪميونسٽ اڳواڻ شهيد حسن ناصر لاءِ به هُلايو ويو هو ته اُن جيل ۾ خودڪشي ڪئي آهي پر واردات لڪي نه سگهي. تاريخ جو اهو مخالف موقف کي ڇڻ جو پهريون واقعو جنهن ۾ حسن ناصر کي شهيد ڪيو ويو هو ڪامريڊ جام ساقي هڪ جمهوريت پسند اڳواڻ جي صورت ۾ تڏهن سياسي قيادت جي تمام گهڻو ويجهي ٿي ويو جڏهن ايم آر ڊي کان به پهريان سنڌس ڪيس جي شاهدي لاءِ بشمول محترمه بينظير ڀٽو سميت فوجي مارشل لا مخالف سياسي قيادت کي ملٽري ڪورٽ ۾ گڏ ڪيو هو اهو پهريون ڀيرو هو سياسي قيادت کي مارشل لا مخالف ڌرين ڪٺي گڏ ويهڻ جو موقعو مليو هو جڏهن ايم آر ڊي هلچل اڃان شروع نه ٿي هئي ملٽري ڪورٽ ۾ ڪيس شروع ٿي چڪو هو ڪامريڊ جام ساقي جڏهن پنهنجي شاهدي لاءِ نالا تجويز ڪيا ته بقول ڪامريڊ جام ساقي جي سنڌس پارٽي اهوجتي مخالفت ڪئي ته اها ايم آر ڊي واري سياسي قيادت بورزوا قيادت آهي بورزوا موقعي پرست ٿيندو آهي پر ڪامريڊ جام ساقي انهي ڪميونسٽ پارٽي جي موقف تان ايتري حد تائين اختلاف رکيو ته ”مون کي ذاتي طور به اهو انساني حق حاصل آهي ته پاڻ کي بي گناهه ثابت ڪرڻ لاءِ پنهنجا شاهد ڪيان“ ڪميونسٽ پارٽي سمجهيو ته مسئلو ڳنڀير ٿيندو پيو وڃي تڏهن اها لسٽ پارٽي منظور ڪئي جيڪي شاهد ۽ شاهدين ڪتاب ضمير جي قيدي يا وري فتح آخر عوام جي ٿيندي ۾ شامل آهن ۽ تاريخ ۾ ڪامريڊ جام ساقي بطور ڊيموڪريٽڪ اڳواڻ طور تڏهن باقي سياسي قيادت آڏو نمودار ٿيو جڏهن ايوبي آمريتي دور مخالف هلچل دوران شاگرد جدوجهد 4مارچ سان گڏ ون يونٽ مخالف هلچل ۾ شاگردن جي اڳواڻي ڪئي. خاص ڪري سنڌهاري ڪاميٽي جي عظيم سرواڻ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي جي قيادت ۾ ون يونٽ مخالف هلچل ۾ اڳتي وڏي ڪردار ادا ڪيو ۽ شاگردن جي جلوس ۾ حيدرآباد ۾ پهريون ڀيرو ”جيئي سنڌ“ جو نعرو لوڪ نروار ڪيو بقول ڪامريڊ جام ساقي جي ته جلوس ۾ شريڪ شاگردن کي ”نعراءِ سنڌ“ نعري جو جواب ڏيڻ به نه ٿي آيو انهن کي سمجهايو ويو ته ” نعراءِ سنڌ. نعري جو جواب .”جيئي سنڌ“ لفظ آهي مطلب صاف نڪتو ته سنڌ ۾ ”جيئي سنڌ“ نعري کي لوڪ نروار ڪرڻ وارو رڳو ڪامريڊ جام ساقي آهي. هن مهان نعري ”جيئي سنڌ“ کان اڳ باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي ”سنڌ ترانو“ جيئي سنڌ .جيئي سنڌ. جام محبت پيئي سنڌ“ لکي چُڪو هو ۽ اهو ڪيس به ڪٿي چُڪو هو جنهن قومي تراني قومي گيت جي گونجار مان ڪامريڊ جام ساقي نعرو“ جيئي سنڌ “لوڪ نروار ڪيو بطور ڊيموڪريٽڪ ليڊر ڪامريڊ جام ساقي پهريان نيشنل عوامي پارٽي ۾ ڪميونسٽ پارٽي جي نمائندگي ڪندو هوجتي هن 1973ع واري آئين جي منظور لاءِ ڪميونسٽ پارٽي جو 10نڪاتي چارٽر نعپ اڳواڻ ۽ تنهن وقت بلوچستان جي وڏي وزير سردار عطاءُ الله مينگل کي ڏنو هو انهي چارٽر ۾ پهريون نڪتو زمين جي مالڪي جو شامل هو ته هن آئين ۾ زمين جو مالڪ هر هڪ صوبو هوندو. وفاق کي جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن صوبي ۾ زمين جي ضرورت پوندي ته آئيني طور صوبي عرض درخواست ڪندو. تنهنڙي ريت سنڌي ٻولي قومي ٻولي سميت وفاق ۾ شامل صوبن جي سمورين ٻولي کي قومي ٻولي ۽ اردو ٻولي کي رابطي جي ٻولي جو درجو ڏيڻ جهڙو مطالبو شامل هو هڪڙي ڀيري مرحوم عطاالله مينگل پونم اتحاد واري وقت ذاتي ڪچهري ۾ تنهن ڳالهه جو مون اعتراف به ڪيو ته“ جام ساقي ته بلوچستان ۾ آسان سنڌي ٻولي پڙهائڻ جهڙو مطالبو به ڪيو هو اسان بس ڪامياب نه ٿياسين“ ڪامريڊ جام ساقي سياسي سلسلي ۾ پوءِ پي اين پي ميرغوث بخش بزنجو اي اين پي خان عبدالولي خان سميت مختلف سياسي محاذن تان هن سياسي هلچل ۾ حصو ضرور ورتو پر ڪامريڊ جام ساقي جو اصل رستو پورهيت هاري هلچل ڪميونسٽ پارٽي جو رستو رهيو جيڪو لياري ڪانگريس تائين سنڌس نظرياتي سفر ڪٽي سگهجي ٿو ڪامريڊ جام ساقي ڏيهه ڏيساور جا دورا ڪيا ۽ عالمي معاشي سياسي تبديلين کي محسوس ڪندي جمهوري هلچل کي بهتر سمجهندو هو ته ان کان اڳ به سنڌس جمهوريت ڏانهن دليل اهو رکندو ته ”جمهوريت ماني نه ڏيندي آهي پر ماني حاصل ڪرڻ جو رستو ڏيکاري ڏيندي آهي“ پروفيسر جمال نقوي پنهنجي ڪتاب ۾ هڪ هنڌ لکيو آهي ته ” وقت جي وزيراعظم ذوالفقارعلي ڀٽو (سرد جنگ جي زماني)يوگوسلاوڪيا جي صدر کان سويت يونين جي صدر کي چورايو هو ته پاڪستان ۾ ڪامريڊ جام ساقي واري ڪميونسٽ پارٽي ماسڪو سرڪار اهو چئي ته منهنجي حمايت ڪن منهنجي خلاف بي اين اي وارا عرف آمريڪا پاڪستان ۾ سرگرم ٿي ويو آهي. اهڙي ماحول ۾ وقت جي وزيراعظم ذوالفقارعلي ڀٽو ڪامريڊ جام ساقي سان ڪٿي ڳجهي ملاقت ڪئي ڪتاب ۾ پروفيسر جمال لکي ٿو ته ”ڪامريڊ جام ساقي ڀٽو آڏو اهو شرط رکيو ته جيڪڏهن اها ڳالهه ته اوهان ايوان قومي اسيمبلي ۾ به اڪر اسان جي حوالي سان ڳالهايو ته ته خبر پهچي ويندي ته اصل ۾ اوهان جي سياسي پوزيشن ڇا آهي؟“تڏهن ساڳئي ڪتاب ۾ اهو به حوالو موجود آهي ته پوءِ ڪامريڊ جام ساقي جي شرط تي ڀٽو اها تقرير ڪئي. اهو سياسي جمهوريت پسند پرک رڳو ڪامريڊ جام ساقي رکندو هو ته هڪ جمهوري ڌر سان ڪهڙي دليل سان ڳالهائي سگهجي ٿو تنهن ڪري پاڪستان ۾ برک ڪميونسٽ عظيم اڳواڻ ڪامريڊ جام ساقي کي جيڪڏهن تاريخ جو تمام وڏو جمهوريت پسند اڳواڻ قرار ڏجي ته اهو دليل هجي يا سياسي موقف ڪو ايڏو ڪمزور دليل ناهي نه وري ڪو ايڏو ڪمزور سياسي موقف هوندو ڇو ته جمهوريت پسند هلچل جي تاريخ ۾ ڪامريڊ جام ساقي هڪ تاريخ آهي جنهن سبب عالمي تبديلي جي ماحول ۾ جڏهن ڪامريڊ جام ساقي کي آمريت ۽ جمهوريت جي چونڊ ڪرڻي پئي ته ڪامريڊ جام ساقي جمهوري صف ۾ ڌرتي آڏو آيو تنهن دليل جي تسلسل ۾ ڪامريڊ جام ساقي محترمه بينظير ڀٽو جي قيادت ۾ پ پ پ ۾ شموليت ضرور ڪئي پر پنهنجو نظرياتي سياسي موقف کي تنهن بورزوا ڪلچر جو حصو نه بنايو هو پر پاڻ کي پورهيتن جي هلچل کان پري نه ڪيو نه وري هاري هلچل کان پنهنجو پاڻ کي ڌار سمجهيو سنڌس جمهوري سفر سوچ اها رهي جو آخري دور سياست ۾ ڪيترين مذهبي ڌرين جيڪي ماضي ۾ سنڌس مخالف رهيون انهن اڳواڻ نه رڳو دوران بيماري اسپتال ۾ اچي عيادتون ڪيون پر قومي اسيمبلي کان سينيٽ تائين دعا بابت ڪامريڊ جام ساقي مذهبي پارٽي هٿ اڳتي وڌيا ويا ۽ ايوانن ۾ ڪامريڊ جام ساقي جي عظيم جاکوڙ شاندار جدوجهد کي جيڪا جذبن ۽ جملن جي پتاپيش ڪئي وئي اها تاريخ جو حصو آهي. ڪامريڊ جام ساقي ۾ اها سياسي خوبي رهي ته سياسي مخالف موقف کان ڪڏهن به هٻڪندو نه هو مخالف سياسي موقف ۽ دليل کي ڪٿي ڪٿي تاريخ جو حصو قرار ڏئي درگذر به ڪري ڇڏيندو هو اها هڪ جمهوري اڳواڻ جي سياسي ساک ۽ عالمي شجاعت ۽ خوبي آهي جيڪا ڪامريڊ جام ساقي ۾ لوڪ پڇاربي آهي ته ڪامريڊ جام ساقي جو سفر هڪ تاريخي ڊيموڪريٽڪ سفر آهي جمهوري اهو انقلابي سفر به اهڙو جهڙي ريت شيخ اياز چيو آهي ته ” ماڳ نه توڙي ويجهڙو. ويهان ته وهلور. پرين تنهنجو پور. مون کي رکي پنڌ ۾......“

***

ڳهنگهرِيا ڳهڻَ ڄاڻَ. موڙهِيِ مَتِ مَهائِيين:
وِيا ڳَڏجي وِيرِ ۾. پِيا مُنهنِ مَهراڻَ:
اڳيان پويان ٿاڻَ. وِيا ويچارَنِ وِسري.

حساس دل رکندڙ ارمغان بروهيءَ جو وڇوڙو!

فياض سومرو

مون ۽ منهنجي زال ”ارمغان بروهي“ اڄ کان 33 سال پهرين گڏجي زندگي گذارڻ جو جيڪو سفر شروع ڪيو هو سو پنهنجي ڀرپور لاهن ۽ چاڙهن کان پوءِ ڪجهه ڏيهاڙا پهرين پڄاڻيءَ تي پهتو ۽ هوءَ سدائين جي لاءِ اسان کان موڪلائي عدم ڏانهن رواني ٿي وئي. هوءَ اردوءَ جي وڏي شاعره هئي. پر سندس اهو ٽيلينٽ يا شاعري دنيا آڏو اچڻ کان پهرين ئي فنا ٿي وئي. چوجوان معاملي تي سندس پنهنجي پيءُ ”حليم بروهي“ سان ڪنهن ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو هو ته هُن ڪاوڙ ۾ اچي پنهنجي لکيل شاعريءَ جون سيئي ڊائريون ساڙي ڇڏيون هيون. پنهنجي شاعريءَ جون ڊائريون ساڙي ڇڏڻ کان پوءِ به ڪيس پنهنجا ڪيترائي شعرياد هئا. جيڪي هوءَ ڪڏهن ڪڏهن مون کي به ٻڌائيندي هئي. سندس ٻڌايل پنهنجي شاعري مان هاڻي مون کي بيو ڪجهه ته ياد ڪونهي. باقي هڪڙو شعرياد آهي. جيڪو شايد سندس چيل آهي. مير سوزنا . شمع جلتا . مگر اس طرح کا هن کي فلمن ۽ ڊرامن ۾ اداڪاري ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هو جنهن لاءِ هن ڪيترن ٽي بي ٽي ويءَ جي ڊرامن جي مکيه اداڪارا ٿيڻ جا آڊيشن به پاس ڪيا هئا ۽ ڪنهن زماني ۾ پي ٽي وي تي هليل مشهور سنڌي ڊرامي ”راڻيءَ جي ڪهاڻيءَ“ جي لاءِ عبدالقادر جوڻيجي سڀ کان پهرين ڪيس ئي سليڪٽ ڪيو هو پر پوءِ سندس والد حليم بروهيءَ طرفان ڪيس اجازت نه ملڻ سبب هوءَ ان ڊرامي ۾ هيروئن جو ڪردار ادا نه ڪري سگهي هئي. آئين ڪيس فلمن ۽ ڊرامن ۾ اداڪاري ڪرڻ جي اجازت نه ملڻ کان پوءِ هوءَ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ ”صداڪاري“ ڪرڻ لڳي هئي. هڪ ڀيري ڪيس ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪنهن ناٽڪ ۾ صداڪاريءَ ۾ ”ماءُ“ جو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ چيو ويو هو. آئين ڪيس ماءُ جو ڪردار ايڏو ته پانءِ پئجي ويو هو جو پوءِ هوءَ پنهنجا سڀ شوق ڇڏي، سدائين جي لاءِ پنهنجي ٻارن جي ٿي وئي هئي ۽ هُن پنهنجي دنيا پنهنجي ٻارن تائين محدود ڪري ڇڏي هئي. 2009 ۽ 2010 ۾ هن روزاني عبرت اخبار ۾ ڪجهه ڪالم لکيا هئا. جن مان ڪجهه سندس ڊائري نالي بلاگ تي موجود آهن. ڪافي سالن کان سندس لاڙو روحانيت ڏانهن ٿي ويو هو. هوءَ ڪئناڊا مان جڏهن به ڪراچي ۽ حيدرآباد ايندي هئي ته گهڻي ڀاڱي به ڪم ڪندي هئي. هڪ اهو ته حيدرآباد سول اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ يا ٻرن وارڊ ويندي هئي ۽ پوءِ حادثن جو شڪار ٿيل جڏهن اهڙا غريب ڏسندي هئي. جن جا وارث سندن علاج ڪرائي سگهڻ جي سگهه نه رکندا هئا ته هوءَ پنهنجي دل ۽ جان سان انهن جي ڀرپور واهر ۽ مدد ڪندي هئي ۽ انهن جي علاج. دوائن ۽ سندن بحاليءَ جي لاءِ ڪوششون وٺندي هئي. فيس بُوڪ تي سندس هڪ ننڍڙي وڊيو ڏني آهي. جيڪا هڪ ٻارَ ڪيوَل جي آهي. جيڪو ڪجهه سال پهرين برسات دوران ٿنڀي تان ڪريل ڪرنٽ جي تار تي پير اچي وڃڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو هو ۽ سندس جسم گهڻي ڀاڱي ڪرنٽ لڳڻ سبب سڙي ويو هو. تڏهن جيئن ته هوءَ سنڌ ۾ ئي هئي ته هن ان جو علاج ڪرايو هو جنهن جي ڪري ئي هو ٻچي ويو هو پر ڊاڪٽرن کي ان ٻار جون ٻئي ٽنگون ۽ هڪڙي ٻانهن ڪٽڻي پئجي وئي هئي. ان ٻار جي ٻچي وڃڻ جي خوشيءَ ۾ . هن ڪيول کي چيو هو ته تنهنجي جيڪا به خواهش هجي يا تو کي جيڪو به کپي ته اهو مون کي ٻڌاءِ ته آئون تنهنجي اها خواهش ضرور پوري ڪنديس. ته ڪيول ڪيس چيو هو ته ڪيس سائيڪل کپي. جيئن ته ڪيول ننڍڙو ٻار هو. تنهنڪري ڪيس سمجهه يا اندازو ئي نه هو ته هاڻي سندس ٻئي ٽنگون ڪٽجي چڪيون آهن ۽ هاڻي هو سائيڪل نٿو هلائي سگهي ته ان ڳالهه تي هن روئي ڏنو هو ۽ پوءِ ٻرن وارڊ کان ٻاهر اچي هوءَ ڪيول جي ان ڳالهه تي ڏاڍو رُني هئي ۽ پوءِ هن ان ٻار کي هڪ وڏو جهولو ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شيون ۽ رانديڪا وٺي ڏئي ڪيس خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪجهه سال پهرين ٺٽي واري پاسي جي ڪنهن غريب جون به ڪرنٽ لڳڻ سبب ٻئي ٽنگون گوڏن تائين وڍجي ويون هيون ته هن نه رڳو ان جو مڪمل علاج ڪرايو هيو پر پوءِ خرچ ڪري ڪيس مانڊڻي لهرائي ڏني هئي. ته جيئن اهو ان تي ويهي ڪاروبار ڪري پنهنجي ٻارن ٻچن جي لاءِ روزگار ڪمائي سگهي. آئين هوءَ الاءِ ڪيترن حقيقي حقدار غريبن جي پنهنجي وس آهر بلڪ پنهنجي وس کان به وڌي چڙهي مدد ۽ واهر ڪندي رهندي هئي. نه رڳو اهو پر هوءَ جڏهن به حيدرآباد ايندي هئي ته ڪنهن نه ڪنهن غريب نياڻيءَ جي شادي ضرور ڪرائي ويندي هئي ۽ انهن جي شادين جو خرچ پاڻ ڀريندي هئي. غريب ٻارن. ماڻهن ۽ نياڻين جي مدد ڪرڻ کان پوءِ جيڪڏهن ڪيس ٿوري گهڻي فرصت ملندي هئي ته پنهنجي روحانيت واري لاڙي سبب هوءَ ڪنهن نه ڪنهن درگاهه تي هلي ويندي هئي ۽ پنهنجو باقي وقت درگاهن تي گذاريندي هئي. ڪجهه سالن کان سندس طبيعت ٺيڪ نه هئي. تنهنڪري هوءَ وري واپس پنهنجي وطن سنڌ مرتي اچي نه سگهي هئي. سندس پُڄاڻان منهنجو حال به امجد اسلام امجد جي هن شعر جهڙو آهي ته. ”حساب عمر کا اتنا سا گوشوارا هي. تمهين نکال کر ديکا تو سب خساره هي.“ دوستن منهنجي گهرواريءَ جي گذاري وڃڻ کان پوءِ جهٽڪ اسان تي قيامت گذري وئي آهي. تنهنڪري ڏک جي هن موقعي تي. مون کي پنهنجي فيملي کي وڌ کان وڌ وقت ڏيڻو آهي. جنهن لاءِ مون کي ۽ منهنجي فيمليءَ کي ڪجهه پرسنل اسپيس. ٽائيم ۽ پرائيويسيءَ جي ضرورت آهي ته جيئن اسان هن ڏک کي مُنهن ڏئي سگهڻ جيتري پاڻ ۾ همٿ ۽ سگهه پيدا ڪري سگهون. تنهنڪري ڪٽنب جي ڪجهه ڀاتين ۽ ڪجهه تمام ويجهن دوستن کان سواءِ باقي ٻين دوستن کان آئون ذاتي طور تي. فون تي يا پرسنلي تعزيتون وصول نه ڪري سگهڻ جي توهان کان اڳواٽ ئي معذرت وٺان ٿو

بقايا * 01**

ن سان ڪيئن سمجهوتو ٿي سگهي ٿو؟ جنرل باجوا چيو ته انهن کي اين آر او ڏيو. مان ڪير ٿيندو آهيان جو عوام جو پئسو انهن کي معاف ڪري ڇڏيان؟ هن چيو مان سيني سان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيان. مون کي خبر آ ته قاتلاڻي حملي ۾ ڪير ڪير ملوث هو حملو ڪندڙن کي به معاف ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. نيلسن منڊيلا 27 سال جيل ۾ گذاريا. ٻاهر اچي سيني کي معاف ڪري ڇڏيائين اڄ پاڪستان جي جيڪا صورتحال آهي. ان ۾ سيني کي گڏ ٿيڻو پوندو سندس چوڻ هو سپريم ڪورٽ جي فيصلي کانپوءِ يقين رکان ٿو ته اهي چونڊون ڪرائيندا. ڏيڻ مان نڪرڻ لاءِ چونڊون پهريون قدم آهي. سياسي استحڪام چونڊن سان ايندو ان کانپوءِ معاشي استحڪام ايندو. عوامي مينڊيٽ سان حڪومت ايندي ته عوام جو اعتماد وڌندو اعتماد نه هوندو ته سيڙپڪار پنهنجو پئسو نه لڳائيندو.

بقايا * 02**

ڪينٽ واري علائقي ۾ 50 ڪروڙ جو پلاٽ 10 ڪروڙن ۾ وڪڻڻ جا تفصيل به شامل آهن. صحافي موجب ان پلاٽ جي وڪري بابت ناليوارو صحافي عبدالقيوم صديقي اڳ ئي دستاويزي ثبوتن سان انڪشاف ڪري چڪو آهي. جڏهن ته محمد خان ڀٽي جي انڪشافن ۽ بيان کانپوءِ ادارن کي وڌيڪ مواد ملي ويو آهي. جنهن جا نتيجا به اميد آهي ته ترت ظاهر ٿيندا.

بقايا * 03**

ملي ويا پر هيٺين سطح تي فنڊ ناهن پهچندا. وفاق کي خرچ گهٽ ڪرڻا پوندا. صوبائي حڪومتون ٽيڪس گڏ ناهن ڪنديون. صوبن کي پئسا ڏئي وفاق اڳ ئي خساري ۾ هوندو آهي. هن چيو 18هين ترميم بابت مسئلن جي ڳالهه ڪيو ته مسئلو بڻجي ويندو آهي. ٻاهريان قرض ڇڏيو. هاڻ ته مقامي قرضن ۾ ڦاسي پيا آهيون. سنڌ حڪومت وٽ ٽيڪس حاصل ڪرڻ لاءِ رڳو ڪراچي آهي. صوبا هڪ هزار ارب رپاي تعليم تي خرچ ڪندا آهن. جڏهن ته سرڪاري اسڪولن جا ٻار سائنس ۽ حساب ۾ فيل ٿي رهيا آهن. تعليم بنا ڪا پاليسي ترقي نه ڪندي. سندس چوڻ هو ته معيشت جي صورتحال هڪ سال جي غلطي نه 75 سالن جو نتيجو آهي. 87 سيڪڙو پاڪستانين کي ايتري خوراڪ ناهي ملندي جيتري ملڻ گهرجي. جنهن ضلعي ۾ پاڻي ڪنو هوندو آهي. اتي ٻار جسماني لحاظ سان ڪمزور هوندا آهن. 75 سالن جي غلط پاليسين سبب اڄ ملڪ بحرانن جو شڪار آهي. مفتاح اسماعيل چيو ته ڀارت ۾ هن سال 150 ارب ڊالرن جون آءِ ٽي ايڪسپورٽس ٿينديون. ڀارت ۾ اڄ آءِ ٽي جا 23 ڪئمپس آهن. پاڪستان جيئڻ هلي رهيو آهي. ائين نٿو هلي سگهي. ڪورونا کانپوءِ پاڪستان کي گهڻي چوٽ ملي. ايترو به نٿا ڪيون جو مسئلن جي حل لاءِ گڏ ويهون. هن چيو ته عمران خان ڪرپشن جي وڏي ڳالهه ڪندو آهي. پوءِ گوگي ۽ بوزدار نڪري ايندا آهن. پي ٽي آءِ حڪومت آءِ ايم ايف معاهدو ٽوڙيو. اسان آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪيو ۽ قرض وٺي هلي رهيا آهيون. سندس چوڻ هو ته ڊالر جي قيمت مارڪيٽ جو ڪم آهي ناڻي واري وزير جو نه. مانيٽري پاليسي سخت آهي. ماليائي پاليسي تي تمام آسان آهي. عالمي قرض نه پيو ملي. اسان جي ساک متاثر ٿي آهي. جسٽس منير جو روح اڄ به سپريم ڪورٽ ۾ جيئرو آهي. اسان جو پارٽي ڇڏڻ جو ڪو ارادو ناهي.

رانا ثناءالله به شريڪ ٿيو اجلاس کي خطاب ڪندي مريم نواز شريف چيو ته ڪٺ پتلي جو تماشو ڪندڙ هاڻ گهرن ۾ قيد ٿي چڪا آهن. مشڪل معاشي حالتن ۾ ٻڏل ملڪ اسان کي پهريون ڀيرو ناهي مليو ملڪ جڏهن به مسئلن ۾ ٻڏل هوندو آهي ته تڏهن نوازشريف ۽ شهباز شريف کي ئي اچڻو پوندو آهي. مريم نواز وڌيڪ چيو ته سازشين جي سازش آهي ته ملڪ جي معيشت بهتر نه ٿئي پر هميشه جيان شينهن ئي قوم کي مسئلن مان نجات ڏياريندو آهي. اڳوڻي وزيراعظم تي تنقيد ڪندي ليگي اڳواڻ چيو ته عمران خان جو ٽرڪ ڊرائيورن سميت پڪڙجي چڪو آهي. (ن) ليگ کي ختم ڪندڙ پاڻ ختم ٿي ويا. الزام لڳائيندڙ اڄ پنهنجا منهن لڪائي رهيا آهن.

بقايا * 04**

اجلاس ٿيو جنهن ۾ حج پاليسي 2023 جو جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ مذهبي معاملن واري وفاقي وزير عبدالشڪور به شرڪت ڪئي اجلاس دوران شرڪت ڪندڙن کي ٻڌايو ويو ته هلندڙ سال هڪ لک 79 هزار کان وڌيڪ پاڪستاني حج ڪندا. مذهبي معاملن واري وزير اسحاق ڊار کي فارين ايڪسچينج بابت پيش ايندڙ مسئلن کان به آگاهه ڪيو ناڻي واري وزير معاشي پريشانين جي باوجود حاجين کي سمورين سهولتون ڏيڻ جو يقين ڏياريندي چيو آهي ته حج مقدس فرض آهي ان جي لاءِ وڌ کان وڌ تعاون ڪيو ويندو.

بقايا * 05**

خلاف سپريم جوڊيشل ڪونسل ۾ شڪايت داخل ڪري ڇڏي آهي. وڪيلن طرفان جسٽس مظاهر نقوي خلاف آڊيو ليڪ جي آڌار تي شڪايت داخل ڪئي وئي وڪيلن درخواست ۾ اڳوڻي پنجاب جي وڏي وزير چوڌري پرويز الاهي سان گڏ جسٽس مظاهر نقوي جي مبينه ڳالهين جو ٽرانسڪرپٽ به شامل ڪيو آهي ۽ درخواست ڪئي آهي ته جسٽس مظاهر نقوي ڪوڊ آف ڪنڊڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي جنهن تي سندس خلاف آرٽيڪل 209 جي تحت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا * 06**

جي ٻنهي صوبن ۾ چونڊن بابت مختلف راءِ جڏهن ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چونڊن ۾ دير نه ڪرڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ عام چونڊن جي تاريخ بابت ٽن وڏن جي اهم ملاقات جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي آهي. ذريعن موجب. ملاقات ۾ ٽنهي اتحادين جي ٻنهي صوبن ۾ چونڊن بابت مختلف راءِ سامهون آئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چونڊن ۾ دير نه ڪرڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو ذريعن موجب. آصف علي زرداري چيو ته حڪومت چونڊن ۾ اليڪشن ڪميشن سان سهڪار ۽ مدد نه ڪندي ته سپريم ڪورٽ توهين عدالت ۾ گهرائيندي. مقرر تاريخ تي چونڊون نه ڪرائڻ بابت آئيني ۽ قانوني سبب ڏيڻا پوندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته مسلم ليگ نون ملڪي. معاشي ۽ سڪيورٽي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اليڪشن ۾ دير جي حامي آهي. ذريعن موجب. وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ عدليا جي تازن فيصلن تي خدشن جو اظهار ڪندي چيو ته عمران خان کي مسلسل رليف ڏيڻ تي به سوال اٿاريا. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان کي پي ۾ سڪيورٽي صورتحال تي خدشن جو اظهار ڪندي چيو ته معاشي ۽ سڪيورٽي صورتحال سمورن اسٽيڪ هولڊرن اڳيان رکڻ گهرجي. ذريعن موجب. اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو ته چونڊن ۾ دير صورتحال وڌيڪ ڳنڀير ڪندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٽنهي اهم اتحادين ان معاملي تي وڌيڪ صلاح مشورن تي اتفاق ڪيو

بقايا * 07**

جي ٻنهي صوبن ۾ چونڊن بابت مختلف راءِ جڏهن ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چونڊن ۾ دير نه ڪرڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو پنجاب ۽ خيبرپختونخوا ۾ عام چونڊن جي تاريخ بابت ٽن وڏن جي اهم ملاقات جي اندروني ڪهاڻي سامهون اچي وئي آهي. ذريعن موجب. ملاقات ۾ ٽنهي اتحادين جي ٻنهي صوبن ۾ چونڊن بابت مختلف راءِ سامهون آئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چونڊن ۾ دير نه ڪرڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو ذريعن موجب. آصف علي زرداري چيو ته حڪومت چونڊن ۾ اليڪشن ڪميشن سان سهڪار ۽ مدد نه ڪندي ته سپريم ڪورٽ توهين عدالت ۾ گهرائيندي. مقرر تاريخ تي چونڊون نه ڪرائڻ بابت آئيني ۽ قانوني سبب ڏيڻا پوندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته مسلم ليگ نون ملڪي. معاشي ۽ سڪيورٽي صورتحال کي نظر ۾ رکندي اليڪشن ۾ دير جي حامي آهي. ذريعن موجب. وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ عدليا جي تازن فيصلن تي خدشن جو اظهار ڪندي چيو ته عمران خان کي مسلسل رليف ڏيڻ تي به سوال اٿاريا. ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ڊي ايم سربراهه مولانا فضل الرحمان کي پي ۾ سڪيورٽي صورتحال تي خدشن جو اظهار ڪندي چيو ته معاشي ۽ سڪيورٽي صورتحال سمورن اسٽيڪ هولڊرن اڳيان رکڻ گهرجي. ذريعن موجب. اڳوڻي صدر آصف علي زرداري چيو ته چونڊن ۾ دير صورتحال وڌيڪ ڳنڀير ڪندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٽنهي اهم اتحادين ان معاملي تي وڌيڪ صلاح مشورن تي اتفاق ڪيو

بقايا * 08**

موجب سمورن مغوين جي بازيابيءَ تائين آپريشن جاري رهندو. ڌوهارين کي بخش نه ڪيو ويندو

بقايا * 09**

ڊي آر اوز ۽ آر اوز جي لسٽ گهري ورتي آهي. صوبائي اليڪشن ڪميشن اڄ لسٽ اليڪشن ڪميشن ڏانهن اماڻيندو. ايندڙ هفتي کان آفيسرن جي ٽريننگ جي شروعات ڪئي ويندي. ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن پنجاب ۽ خيبرپختونخواهه ۾ چونڊن جي لاءِ خرچ جو اندازو لڳائي ورتو آهي. ٻنهي صوبن ۾ 30 ارب روپين کان وڌيڪ خرچ ايندو. ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن ايندڙ هفتي ناڻي واري وزارت کي خط لکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. خط ۾ ناڻي واري وزارت کي فوري طور تي فنڊز جاري ڪرڻ جي هدايت ڪئي ويندي. اليڪشن ڪميشن ناڻي واري وزارت کي 25 ارب روپيه جاري ڪرڻ جا حڪم جاري ڪندو. اليڪشن ڪميشن چونڊن ۾ سيڪيورٽي فورسز جي مقرري لاءِ گهرو وزارت کي ايندڙ هفتي خط لکندو. ياد رهي ته گذريل ڏينهن صدر عارف علوي پنجاب اسيمبلي جون عام چونڊون 30 اپريل تي ڪرائڻ جو اعلان ڪيو هو. ڊاڪٽر عارف علوي تاريخ جو اعلان اليڪشن ڪميشن طرفان تجويز ڪيل تاريخن تي غور ڪرڻ کان پوءِ ڪيو.

بقايا * 10**

تي لکيو ته اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان کي انڊسٽريل اينڊ ڪمرشل بينڪ آف چائنا لميٽيڊ کان 1.3 بلين ڊالر جي فنانسنگ سهوليت مان 500 ملين ڊالر (50 ڪروڙ ڊالر) ملي ويا آهن جنهن سان ملڪ جا ناڻي وارا ذخيرا مضبوط ڪرڻ ۾ مدد ملندي. ٽوئيٽر تي جاري ڪيل بيان ۾ اسحاق ڊار چيو ته 1.3 بلين ڊالر جي فنانسنگ جي حوالي سان سمورا رسمي ڪارروايون مڪمل ڪيون ويون آهن ۽ چيني بينڪ رول اوور سهوليت جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي اها رقم 3 قسطن ۾ ڏني ويندي جنهن مان پهرين قسط اسٽيٽ بئنڪ کي ملي چڪي آهي. ياد رهي ته ڪالهه جمعي تي پريس ڪانفرنس ۾ ناڻي واري وزير چيو هو ته ملڪ جي معيشت لاءِ فنانسنگ تمام گهڻي اهم آهي جو ته اسان ادائيگي جي توازن واري بحران کي منهن ڏنو آهي. اسٽيٽ بئنڪ وٽ پرڏيهي ذخيرا مشڪل سان 3 هفتن جا بچيا آهن.

بقايا * 11**

آهي پوءِ به حڪمران سامراج جا غلام بڻيل آهن. پنهنجي ٽوئيٽ ۾ شيخ رشيد احمد چيو آهي ته آءِ ايم ايف جي ايگزيڪٽو بورڊ ۾ پاڪستان جو ڪيس ايجنڊا تي نه آهي. چين مشڪل وقت ۾ پاڪستان سان دوستي جو حق ادا ڪيو آهي پر ان باوجود حڪمران اڃان تائين سامراج جا غلام بڻيل آهن. شيخ رشيد چيو ته ملڪ جي تباهه حال صورتحال باوجود سياستدان وڊيو ۽ آڊيو ۾ قاتل آهن. بجلي تي ساڍا 3 روپيه في يونٽ واڌ جو سرچارج لڳايو ويو آهي. غريب حاجين جي لاءِ به ناڻو خالي آهي. هاڻ ڊالر وارا ئي حج ڪري

سگهندا. اڳوڻي وفاقي وزير چيو ته صدر ته چونڊن جي 30 اپريل جي تاريخ ڏني آهي. پي ڊي ايم جي مشاورت جو فيصلو اڃان سامهون ناهي آيو. چونڊن ۾ ئي ملڪ جي بقا آهي. چونڊن کان ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته اها ملڪ جي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿيندي. شيخ رشيد وڌيڪ چيو ته 90 ڏينهن جو نگران وڏو وزير 9 سالن جي ترقياتي ڪمن جو افتتاح ڪري رهيو آهي. 30 اپريل تي چونڊون ٿين ٿيون يا اڃان به عشق جا امتحان ورنا ويندا.

بقايا * 12**

موجب ڏکڻ ريجن جي پرائيويٽ حج مسافرن لاءِ ڀاڙو 870 ڊالر کان 1180 ڊالرز تائين هوندو جڏهن ته نارٿ ريجن لاءِ 910 ڊالر کان 1220 ڊالرز ڀاڙيو مقرر ڪيو ويو آهي. ترجمان موجب سائوٿ ريجن ۾ ڪراچي. ڪوئيٽا. سکر. حيدرآباد ۽ نارٿ ريجن ۾ لاهور. اسلام آباد. پشاور . ملتان ۽ ٻيا شهر شامل آهن. ترجمان جو چوڻ آهي ته سرڪاري حج تحت ويندڙ پاڻديئن جي ڀاڙن جو اعلان مذهبي مامرن واري وزارت ڪندي. سرڪاري حج تحت پاڻديئن لاءِ ڀاڙو 3 لک 10 هزار کان 3 لک 30 هزار رپين تائين هجڻ جو امڪان آهي. پي آءِ اي فلائيٽ آپريشن ۾ جدي ۽ مديني لاءِ بوئنگ 777 ۽ ايئربس 320 استعمال ڪندي جڏهن ته 21 مئي کان 2 آگسٽ تائين حج فلائيٽ آپريشن جاري رکي ويندي .

بقايا * 13**

جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي احسن اقبال چيو ته جڏهن نواز شريف کي نااهل ڪيو ويو ته اپيل جو حق نه ڏنو ويو هن چيو عدليا جو احترام آهي پر ڪجهه مخصوص ججن جا ن ليگ خلاف پي ٽي آءِ جي حمايت ۾ فيصلا اچي رهيا آهن. عمران خان اسيمبليون ان ڪري ٽوڙيون ته جيئن نظام ڪري پئي. سندس چوڻ هو ته عمران خان اسيمبليون نيڪ نيتي سان نه ٽوڙيون. ڪير چونڊن کان فرار نٿو ٿي سگهي. ڇا اهڙيون چونڊون ڪرائڻ چاهيو ٿا. جنهن سان وڌيڪ تڪرار پيدا ٿين؟

بقايا * 14**

ڳڻپ کان رهجي وڃڻ جو خدشو.آدمشماري عملو سيڪيورٽي خدشن سبب گهوٽڪي جي ڪچي جي ڳوٺن ڏانهن نه ويو. ڪيترائي ڳوٺ گهرشماري کان رهجي ويا.شهدادڪوٽ ۾ الائونس کان محروم آدمشماري عملي جو سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاج. سڄاڻ ڌرين ڊجيٽيل آدمشماري کي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش قرار ڏئي ڇڏيو

بقايا * 15**

صدر. چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ آئون گڏيل تاريخ ڏيون ها.هڪ بيان ۾ گورنر غلام علي چيو ته چونڊن واري معاملي تي صدر سان رابطو ڪيو هو. پر صدر پاڻ ئي پنجاب ۾ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري ڇڏيو سندس چوڻ هو ته انتظام ڪرائڻ اليڪشن ڪميشن جو ڪم آهي. ڄاڻايل تاريخ مان ڏينديس. عدالتي فيصلي کي نظر ۾ رکندي جيڪا به تاريخ موجود هوندي ان تي چونڊون ڪرائينداسين هن وڌيڪ چيو ته پرنسپل سيڪريٽري جي نالي اليڪشن ڪميشن جو خط رات آئين وڳي مليو. سيڪريٽري موڪل تي ويل آهي. سومر ڏينهن اچي پاڻ خط کوليندو.

بقايا * 16**

گهٽتائي جنهن سبب مهانگائي جي شرح 0.30 سيڪڙو گهٽ ٿي جڏهن ته هڪ هفتي دوران 32 عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ واڌ ٿي. شماريات کاتي جي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته هفتيوار مهانگائي جي گڏيل شرح 41.07 سيڪڙو جي سطح تي پهچي وئي آهي. مهانگائي سبب سيني کان وڌيڪ وچولو طبقو متاثر ٿيو آهي جڏهن ته 44 هزار کان وڌيڪ ماهوار پگهار ڪندڙ طبقي جي لاءِ مهانگائي جي شرح 42.42 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي. شماريات کاتي موجب اٽو گيهه. کنڊ. تازو کير. ٻڪري جو گوشت. چانور ۽ لوڻ سميت هلندڙ هفتي دوران 32 عام واهپي وارين شين جي قيمتن ۾ اضافو ٿيو 8 شين جي قيمتن ۾ گهٽتائي ٿي جڏهن ته 10 ۾ استحڪام رهيو شماريات کاتي موجب هڪ هفتي دوران اٽي جي 20 ڪلو ٿيلهي جي قيمت وڌي 1705 روپيه ٿي وئي گيهه. ماش جي دال. مسور جي دال. چانور ۽ لوڻ جي قيمتن ۾ به اضافو ٿيو جڏهن ته بصر 22 روپيه. ٿوم 19 روپيه في ڪلو ۽ آنا 16 روپيه في درجن سستا ٿيا.

بقايا * 17**

ٿيڻ کان پوءِ راولپنڊي مان گرفتاري ڏيندڙ پي ٽي آءِ اڳواڻ فياض الحسن چوهان ۽ زلفي بخاري سميت 47 ڪارڪنن کي شاهپور جيل مان آزاد ڪيو ويو ان موقعي تي پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن جو وڏو انگ جيل جي ٻاهر موجود هو. جنهن آزادي ماڻيندڙ اڳواڻن ۽ ڪارڪنن مٿان گل

نڇاور ڪيا جڏهن ته عمران خان جي حق ۾ نعريبازي به ڪئي. فياض الحسن چوهاڻ به آزادي تي عمران خان جي حق ۾ زوردار نعريبازي ڪئي جنهن تي ڪارڪنن به سندس ڀرپور ساٿ ڏنو. جنهن کان پوءِ راجنپور جيل ۾ نظر بند ڪيل پي ٽي آءِ جي جنرل سيڪريٽري اسد عمر سميت 27 ڪارڪنن کي ڊسٽرڪٽ جيل مان آزاد ڪيو ويو. هوڏانهن ڊيره غازي خان ۾ جيل ڀريو تحريڪ جي سلسلي ۾ گرفتار اڳوڻي صوبائي وزير مراد راس. اڳوڻي وفاقي وزير زرتاج گل ۽ اڳوڻو پنجاب جو صحت بابت صلاحڪار محمد حنيف سميت ٻين ڪارڪنن کي آزاد ڪيو ويو. ان کان پوءِ اٽڪ جيل مان پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي ۽ ٻين ڪارڪنن کي به آزاد ڪيو ويو هوڏانهن لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ فواد چوڌري جي درخواست تي فيصلو ڏيندي پي ٽي آءِ جي گرفتار اڳواڻن ۽ ڪارڪنن کي جيلن مان آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان حوالي سان لکت ۾ حڪم به جاري ڪيو ويو آهي.

بقايا * 18**

آهي. اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪراچي شهر ۾ خيام ڪينال جي دوري دوران ڪيو. خيام ڪينال کي پبلڪ اسپيس بڻائڻ ۽ ان جي مرمت جو منصوبو هلندڙ آهي. جنهن تحت ڪئنال جي ٻنهي پاسن تي وڏيون سيوريج لائينون لڳايون وينديون. جن مان هڪ پاسو مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ ٻئي تي ڪم هلندڙ آهي. منصوبي ۾ خيام ڪينال کي گندي پاڻي جي نيڪال کان پاڪ رکيو ويندو ۽ ان ۾ وهندڙ سموري سيوريج جا ڪنيڪشن ختم ڪري لائنن ۾ منتقل ڪيا ويندا. خيام ڪئنال جو هي منصوبو ڏيڍ ڪلوميٽر ڊگهو آهي. جنهن جي ٻنهي پاسن تي روڊ جو ڪم پڻ ڪيو ويندو. دوري جي موقعي تي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر (ميگا) شبير الحسنين. آرڪيٽيڪٽ شاهد عبدالله. آرڪيٽيڪٽ عقيل بلگرامي پڻ موجود هئا جن منصوبي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. سيد ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت عوامي مفاد جي ڪمن تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي. هڪ صحتمند سماج ئي صحتمند ملڪ جي ضمانت هوندو آهي. عوام کي تفريحي جايون مهيا ڪرڻ ۽ انهن جي بحالي اسان جي اولين ترجيح آهي. هن منصوبي سان شهر قائد ۾ هڪ سٺي ۽ خوبصورت جڳهه جو اضافو ٿيندو.

بقايا * 19**

ڪميٽي 6 مارچ تي ناصر باغ لاهور ويجهو مارچ جو فيصلو ڪيو آهي جنهن جي لاءِ ڊي سي کي درخواست ڏني وئي. ڊپٽي ڪمشنر لاهور جماعت اسلامي جي حيا مارچ ۽ ٻين تنظيمن جي احتجاج سبب عورت مارچ انتظاميه کي ناصر باغ. ايوان اقبال. الحمرا ۽ مال روڊ تي مارچ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سول سوسائٽي. عورتن جي نمائنده مختلف اين جي اوز ۽ ٽرانس جينڊر ڪميونٽي عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي لاهور ۾ عورت مارچ منعقد ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ درخواست ڏني هئي. ان حوالي سان هاڻ انتظاميه جو چوڻ آهي ته عورت مارچ اسان جو آئيني حق آهي ۽ اسان ان کان پوئتي نه هٽنداسين. ڊپٽي ڪمشنر رافعه حيدر سيڪيورٽي خدشن. مارچ دوران تڪراري پلي ڪارڊ. نعرن ۽ ساڳئي ڏينهن جماعت اسلامي جي عورتن طرفان مال روڊ تي حيا مارچ جي شرڪت ڪندڙن سان جهيڙي جي خدشن سبب عورت مارچ انتظاميه جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ڊي سي لاهور رافعه حيدر ٻڌايو ته سيڪيورٽي ادارن جي رپورٽن موجب عورت مارچ جي حوالي سان ڪافي ٿريٽ الرٽس آهن ان لاءِ درخواست رد ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب هڪ مذهبي پارٽي عورت مارچ کي هر قيمت تي روڪڻ جو به پروگرام ناهيو آهي جنهن سبب شهر ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي سگهي ٿي.

بقايا * 20**

متن ۾ چيو ويو آهي ته جوابدار ڏيڍ سال مقامي مسجد جو پيش امام هو هن جنازي جون نمازون به پڙهايون.

بقايا * 21**

ٻرائي آرمي چيف جي ڪورٽ مارشل چاهيان ٿو. نئين آرمي چيف سان ملاقات چاهيان ٿو. منهنجي به تمبري ڏس ڇا چاهيان ٿو.“

بقايا * 22**

صدر رشيد هاليپوٽو. جميل ملاح. عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ڏٽي بخش نوحاڻي مرسي درس. حنيف چانڊيو ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته چار مارچ سنڌ توڙي ملڪ جي تاريخ ۾ شاگرد جدوجهد جو روشن ڏينهن آهي. چار مارچ جي جدوجهد ئي ايوبي آمريت جو خاتمو آندو مظلوم قومن جي شاگردن لاءِ چار مارچ جي جدوجهد اتساهه جو سبب بڻيل آهي. 4 مارچ جي شاگرد جدوجهد ملڪ جي ترقي پسند سياست ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو. 4 مارچ جي جدوجهد ۾ محترم رسول بخش پليجي صاحب جو اهم ڪردار آهي. هو شاگردن لاءِ حوصلو ۽ همٿ بڻيو. جڏهن محترم رسول بخش پليجو صاحب حيدرآباد. نعپ جو صدر تڏهن 4 مارچ جي جدوجهد جي حمايت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ پليجي صاحب کان پڇاڻو ڪيو ويو ته تو تي الزام آهي ته تون سنڌي شاگردن جي پليرائي ڪرين ٿو. جنهن تي محترم رسول بخش پليجي صاحب ڊائريءَ مان پنو ڪڍي ان تي ٻه سٽون لکي پنو ڪٽي محمود الحق عثمانيءَ کي ڏنو ۽ چيائين ته ”ڪي ماڻهو ويچارا شايد عهدن لاءِ ڪري سٿڻ به لاهڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. آئون انهن مان ناهيان. هيءَ وٺ استعيفا! آئون سنڌي شاگردن جي جدوجهد کي حق بجانب ٿو سمجهان ۽ ان جي بدستور تائيد ڪندس!“ شاگرد سياست ۾ چار مارچ جي جدوجهد هڪ اهم باب آهي. شاگردن شاندار جدوجهد هلائي ايوبي آمريت جو خاتمو آندو غير جمهوري قوتن شاگرد جدوجهد کان خوفزده ٿي شاگرد يونين تي پابندي هنئي آهي. اڄ به غير جمهوري قوتون شاگرد سياست کان خوف کائن ٿيون اهو ئي سبب آهي جو اڄ به شاگرد جدوجهد تي پابندي لڳل آهي. ٻي پاسي اڳواڻ چيو ته ايس ايس ٽي اڳواڻ پروفيسر سراج هاليپوٽو جي قتل کي 2 مهينا گذري وڃڻ کان پوءِ به انصاف ناهي مليو. هن اسين ايس ايس پي بدين کان انصاف جي گهر ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته جلد کان جلد انصاف فراهم ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ضلع ۾ سخت احتجاج جي سڏ ڏنو ويندو پروگرام ۾ سياسي سماجي اڳواڻ پڻ شريڪ رهيا جن ۾ ايس يو پي اڳواڻ رحيم پهنور نوجوان سٽ ڪورواهه جو اڳواڻ افضل سولنگي شامل آهن

بقايا * 23**

مرڪزي صدر لال جروار چيو ته پاڪستان ۾ جمهوريت جي نالي ۾ مارشل لا مڙهيل آهي. يونين ڪائونسل جي ڪائونسلر جي چونڊن ۾ به اسٽيبلشمينٽ جي مداخلت آهي. هن چيو ته سنڌ جي ماڻهن کي پرامن جمهوري جدوجهد ڪرڻ ئي نٿي ڏني وڃي. پرامن احتجاجن تي دهشتگردي جون ڪرڙيون ايف آءِ آرون ڪٽيون پيون وڃن. ملڪ نهن شرط ٿي ملڪ جي باني قائد اعظم محمد علي جناح کي قتل ڪيو ويو. فاطما جناح مٿان عقوبتون ڪيون ويون. گذريل 75 سالن کان پاڪستان ۾ ڪڏهن سڌي ريت ته ڪڏهن جمهوريت جي نالي ۾ اڻ سڌي مارشل لائون مڙهيون ويون آهن. مارشل لائن جهڙين اهڙين خطرناڪ حالتن ۾ به سنڌ جا لکين ماڻهو اسان سان گڏ آهن. سا اسان جي وڏي ڪاميابي آهي. بيٺن تي قبضن خلاف سنڌ جي ماڻهن عوامي تحريڪ جي سڏ ۾ سڏ ڏنو جنهن ڪري وفاق کي پوئتي هٽڻو پيو. عوامي اسيمبلين ۾ اسين مضبوط آهيون. عوامي تحريڪ مضبوط آهي. سنڌ جا ڪروڙين ماڻهو جن وٽ اٽو ڪونهي. جيڪي پن ويلن جي ماني کان محروم آهن جن کان تعليم ڦري وئي آهي. جن کي صحت جون سهولتون نٿيون ملن. جيڪي بکيا آهن. جيڪي ڏکيا آهن سي اسان جي قوت آهن. عوامي تحريڪ انهن جي پارٽي آهي. محترم رسول بخش پليجي صاحب جي اڳواڻي ۾ سنڌ جي پلتي پيل غريب مسڪين هارين ۽ هاريائين لانگ مارچون ڪري ڪالا باغ ڊيم ذريعي سنڌ کي تباهه ڪرڻ واري حڪومتي منصوبي کي ناڪام ڪيو. اسٽيبلشمينٽ جي مداخلت وارين اسيمبلين ون يونٽ مڙهيو. اسان جي بکين هارين ۽ پورهيتن جي اسيمبلي. محترم رسول بخش پليجي صاحب ۽ ٻين عوامي اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ لکين ماڻهو گڏ ڪري ون يونٽ کي للڪاريو ۽ ايوبي مارشل لا کي ڀورا ڀورا ڪيو. اسان جون اسيمبليون روڊ ۽ رستا آهن. اسان جي فيصلا ساز قوت سنڌ جا پورهيت آهن. شاگرد هاري ۽ مزدور آهن. عوام دوست اديب ۽ دانشور آهن. هن چيو ته سنڌ جي ماڻهن پيپلز پارٽي کي مڪمل طور رد ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جا ماڻهو اسان سان گڏ آهن. پيپلز پارٽي اسٽيبلشمينٽ جي مداخلت سبب چونڊجي اچي پئي. سنڌ جا ماڻهو پيپلز پارٽي کي ڪو نه ٿا چونڊين. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ لٽريچر فيسٽيول جهڙا پروگرام ٿيڻ گهرجن. هي پروگرام حيدرآباد. سکر. لاڙڪاڻي ۽ ميرپورخاص سميت هر ڊويزن ۾ ٿيڻ گهرجن

بقايا * 24**

تي ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته مظفر ڳڙهه ضلعي ۾ 6 ڊائنامڪ رجسٽري سينٽر قائم ڪيا ويا آهن هن چيو ته هن وقت مظفر ڳڙهه ضلعي جي 3 لک 21 هزار کان وڌيڪ خاندانن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت اسڪالرشپس ڏنيون پيون وڃن ۽ بينظير ڊائنامڪ رجسٽري سينٽرن ۾ هن وقت تائين 8 لک 72 هزار سروي مڪمل ٿي چڪا آهن هن

وڌيڪ چيو ته حڪومت ته ايندڙ قسط لاءِ 78 ارب کان وڌيڪ رکيا آهن ۽ ساليانو بجيٽ 252 ارب رپيا آهي.

بقايا * 25**

ڻ شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سجاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي ٽيم جنهن ۾ سجاڳ ٻار تحريڪ جو مرڪزي صدر اعتزاز گائينچو. مرڪزي جنرل سيڪري فاضل ڪوسو. مرڪزي نائب صدر ٻادل لاشاري. مرڪزي آفيس سيڪريٽري زوهيب ڪلمتي. مرڪزي اڳواڻ سرمد مورڀو.حميد خشڪ. وجيش گهنواريو ۽ ٻيا ساٿي 5 کان 25 مارچ تائين 20 ڏينهن لاءِ سڄي سنڌ جو دورو ڪندا. جنهن جي پهرين مرحلي ۾ ٽنڊو محمد خان. سجاول. ٺٽو. بدين. ٿرپارڪر. عمرڪوٽ. ميرپورخاص. سانگهڙ. نواب شاهه. نوشهروفيروز تائين تعليمي تنظيمي دورو ڪندا جنهن ۾ مختلف ڳوٺن ۾ ٻارڙن جا تربيتي ڪلاس هلايا ويندا. اجلاس کي خطاب ڪندي سجاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي صدر اعتزاز گائينچو چيو ته سنڌ ۾ لکين ٻارڙا اسڪولن کان ٻاهر آهن. مٿان وري اسڪولن جي بلڊنگن جي مرمت نٿي ٿئي جنهنڪري ڇپر ڪرڻ سبب ٻارڙن جي زخمي ٿيڻ توڙي فوتگين جا واقعا معمول بڻجي ويا آهن. اهڙن واقعن جي ڪري سنڌ جي تعليم جيڪا اڳ ۾ ئي دنيا کان صديون پوئتي آهي سا سخت متاثر ٿي رهي آهي. هن چيو ته سنڌ جي پرائمري تعليم کي هٿ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي. هن مطالبو ڪيو ته اسڪولن جي بلڊنگ جي مرمت ڪئي وڃي ۽ ڪي اين شاهه ۾ اسڪول مان ڇپر ڪرڻ سبب فوت ٿي ويل ٻار جي قتل جو ڪيس تعليم کاتي جي اعليٰ عملدارن ۽ ٻين سنڌ حڪومت جي لاڳاپيل کامورن ۽ وزيرن مٿان داخل ڪيو وڃي. ان سان گڏ ٻار جي وارثن کي 1 ڪروڙ روپيا معاوضو ڏنو وڃي ۽ اهڙن واقعن جي روڪٿام لاءِ جلد کان جلد گهربل اپاءَ ورتا وڃن

بقايا * 26**

هيون. فيبروري ۾ ڏينهن ۽ رات جو گرمي پد سراسري 3.55 سينٽي گريڊ هو موسميات کاتي موجب. فيبروري ۾ معمول کان 77 سيڪڙو گهٽ برساتون پيون. جيڪو 1961 کان پوءِ ٻيو گرم ۽ پنجون خشڪ مهينو آهي. فيبروريءَ ۾ ڏينهن ۽ رات جو گرمي پد 17.16 ڊگري سينٽي گريڊ رهيو. فيبروريءَ ۾ عام سراسري گرمي پد 20.49 ڊگري سينٽي گريڊ آهي. 16 فيبروري تي مٺي ۾ هلندڙ مهيني جو گرم ترين ڏينهن رڪارڊ ڪيو ويو جتي گرمي پد 40 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي ويو فيبروري ۾ سراسري رات جو گرمي پد 9.06 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا * 27**

واسين کي حالتون سڌارڻيون آهن ته پاڻ کي تبديل ڪرڻو پوندو مقررن اهڙو اظهار سنڌ لٽريچر فيسٽيول جي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو اڳوڻي وفاقي وزير سينيٽر مشاهد حسين سيد چيو ته فيسٽيول ماڻهن کي پاڻ ۾ جوڙي ٿو خواهش هئي ته سنڌي ۾ ڳالهايان. مزاحمت سنڌ مان ڦٽي نڪتي آهي. ايم آر ڊي تحريڪ سنڌ جي مزاحمتي تحريڪ هئي. صرف ثقافت نه پر سنڌ جو سياست ۾ به اهم ڪردار آهي.هن چيو ته سنڌ جي گادي واري شهر ۾ سنڌين جي اڪثريت نه آهي. ناليواري صحافي سليم صافي چيو ته سنڌي وڏي دل وارا آهن. ڪراچي سيني جو شهر آهي. هتي سنڌين پٺاڻن کي پناهه ڏني. هن چيو ته سنڌ پاڪستان جو آمريڪا بڻجي ويو آهي. سنڌي آمريڪين وانگر اقليت ۾ تبديل ٿي ويا آهن. سنڌ معشيت جو ذريعو آهي. ان ڪري دعاڳو آهيان ته سنڌ پاڪستان جو آمريڪا بڻجي وڃي. ثقافت کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار شاهه چيو ته برصغير ۾ انتهاپسندي جو مقابلو ثقافتي ادارن. اديبن ۽ صوفين ذريعي ڪيو ويو. لال شهباز قلندر تي جڏهن ڌماڪو ٿيو ته ٿوري دير بعد ڀيهر ڌمال شروع ٿي وئي. هن چيو ته ثابت ٿي ويو ته اسان بم جو جواب ڌمال سان ڏيندا آهيون ۽ ڌماڪي جو جواب بيت سان ڏيندا آهيون. اسان کي بلي شاهه ۽ خوشحال خٽڪ سان به ايترو ئي پيار آهي جيترو ڀٽائي ۽ سچل سان آهي. آرٽس ڪائونسل آف ڪراچي جي صدر احمد شاهه چيو ته جڏهن پاڪستان تي ڏکيو وقت اچي ٿو ته سنڌ ڳالهائي ٿي ته پاڪستان کپي. پاڪستان کي نسلي. لساني ۽ انتهاپسندي جي بنياد تي ورهايو ويو آهي. اُن ورهاست جو مقابلو سنڌ جو ادب ۽ آرٽ ڪندو. اديب نورالهديٰ شاهه چيو ته وڏي وزير کان نوڪري ۽ پئسا نه گهرجن. اسان کيس ڊجيٽل آدمشماري تي خدشن کان آگاهه ڪيو آهي. دانشور ۽ ليکڪ نصير ميمڻ چيو ته سنڌ واسي گهڻي ڏکئي وقت مان گذريا آهن. جيڪڏهن موجوده ڍانچي ۾ رهياسين ته ايندڙ 100 سالن تائين ترقي نه ڪري سگهنداسين. هن چيو ته سنڌ جي ٻهراڙين ۾ 40

لک گهر آهن. جن مان 16 لک ڪچا گهر. 25 لک ڪانئن تي ٺهيل گهر آهن. 35 لک گهرن ۾ ڪانئن ٻاريون وڃن ٿيون. جڏهن ته سنڌ صوبو پاڻ ملڪي پيداوار ۾ 70 سيڪڙو حصو ڏئي ٿو هن چيو ته ماڻهن کي غلام رکڻو آهي ته پوءِ کين هڪ ڪمري وارا گهر ناهي ڏيو. نه ته کين ماڊل گهر ڏنا وڃن. ڇاڪاڻ ته سوا ڪروڙ ماڻهو بي دخل ٿيا آهن هن چيو ته سنڌ ۾ ڌاڙيل غريبن سان ظلم ڪن پيا پر پوليس ڪجهه نه ٿي ڪري. جيڪڏهن سرڪار آدمشماري ڪرائي رهي آهي ته ان کي گهرجي ته سڃاڻپ ڪارڊ ۽ ٺپ لازمي ورتو وڃي. صوبي ۾ سنڌي ڳالهائڻ وارا 60سيڪڙو رهجي ويا آهن. مردم شماري درست نه ٿي ته اها وري تڪراري ٿي ويندي. سنڌ انڊومينٽ فنڊ جي ٽرسٽي شمس الحق ميمڻ چيو ته موسمياتي تبديلين جي ڪري هاڻي زراعت جو موسم به تبديل ٿي ويو آهي. هاڻي اسان کي فيصلا به ماحولياتي تبديلي کي نظر ۾ رکي ڪرڻا پوندا. اڳوڻي وزير فقير اعجاز الدين چيو ته سنڌ ۾ 50 سال اڳ اهڙيون حالتون هيون اڄ به صورتحال ساڳئي آهي. جيستائين اسان پنهنجي ثقافت تي فخر نه ڪنداسين ته پوءِ اها ختم ٿي ويندي. هن چيو ته شهيد ڀٽو اهڙي سنڌ نه پيو چاهي. هو عظيم ليڊر هو. ان جهڙو ڪو ٻيو ليڊر نه آهي.سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ايم ڊي قاضي ڪبير چيو ته سيف پنهنجا پروگرام آرٽس ڪائونسل ۾ ڪرائڻ چاهي ٿي. اسان وٽ 9لک ٻار تعليم پرائين پيا. اسان جا پراڻا اديب به تعليمي ادارن سان جڙيل آهن. ڊي جي ثقافت منور مهيسر چيو ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي. اسان محبتن ورهائڻ وارا آهيون.

بقايا * 28**

ڪري ڇڏيو ذريعن موجب حماد اظهر پي پي 125 لاهور مان صوبائي اسيمبلي جي چونڊ وڙهندو. ذريعن موجب پي پي 148 مان عبدالڪريم. پي پي 149 مان مهر وسيم ۽ پي پي 152 مان وسيم قادر اميدوار هوندو. پي پي 169 مان اڪرم عثمان. پي پي 164 مان علي بابا. پي پي 153 مان يوسف ميو. پي پي 156 مان علي وڙائچ. پي پي 157 مان حافظ فرحت عباس. پي پي 158 مان مهر شرافت پي ٽي آءِ جا اميدوار هوندا. ذريعن موجب پي پي 159 مان اعظم خان نيازي. پي پي 162 مان ظهيرعباس کوکر. پي پي 164 مان احمر رشيد ڀٽي. پي پي 165 مان خالد گجر. پي پي 166 مان سرفراز کوکر. پي پي 167 مان نديم بارا ۽ پي پي 160 مان مراد راس اميدوار هوندا. ذريعن موجب عمران خان پي پي 161 مان عاطف چوڌري. پي پي 168 مان محمودالرشيد. پي پي 170 مان ميان اسلم اقبال. پي پي 172 مان زبير نيازي ۽ پي پي 173 مان اصغر گجر جي نالن جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي.

بقايا * 29**

امتياز احمد. عبدالرئوف مغل ۽ سعد محمود عدالت ۾ پيش ٿيا. وزيراعظم ۽ سندس وڪيل انوار حسين حاضري لاءِ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران نيب جي گواهه اڳوڻي ايم پي اي عبدالرئوف مغل بيان رڪارڊ ڪرائيندي چيو ته مان صوبائي اسيمبلي پنجاب جو ميمبر هئس. پنجاب حڪومت جو بورڊ آف ڊائريڪٽر پي ايل ڊي سي جو ميمبر چونڊجيو هوس ان وقت مختلف اجلاسن ۾ پڻ شامل ٿيندو رهيس. هن بيان ۾ چيو ته ايل ڊي اي ۽ پي ايل ڊي سي ۾ معاهدو ٿيو جيڪي به شيون انهي اجلاس ۾ ٿيون اهي رڪارڊ تي اچي چڪيون آهن. 4 اپريل تي مان هن ڪيس جي جاچ ۾ شامل ٿيس ۽ بيان ڏنو عدالت ٻڌڻي کان پوءِ نيب جي گواهن جي بيانن تي جرح جي لاءِ ڪارروائي 11 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا * 30**

جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي. سول سوسائٽي. عورتن جي نمائنده مختلف اين جي اوز ۽ ٽرانس جينڊر ڪميونٽي عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي لاهور ۾ عورت مارچ منعقد ڪرڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ درخواست ڏني هئي. ان حوالي سان هاڻ انتظاميه جو چوڻ آهي ته عورت مارچ اسان جو آئيني حق آهي ۽ اسان ان کان پوئتي نه هٽنداسين. ڊپٽي ڪمشنر رافعه حيدر سيڪيورٽي خدشن. مارچ دوران تڪراري پلي ڪارڊ. نعرن ۽ ساڳئي ڏينهن جماعت اسلامي جي عورتن طرفان مال روڊ تي حيا مارچ جي شرڪت ڪندڙن سان جهيڙي جي خدشن سبب عورت مارچ انتظاميه جي درخواست کي رد ڪري ڇڏيو آهي. ڊي سي لاهور رافعه حيدر ٻڌايو ته سيڪيورٽي ادارن جي رپورٽن موجب عورت مارچ جي حوالي سان ڪافي ٿريٽ الرٽس آهن ان لاءِ درخواست رد ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب هڪ مذهبي پارٽي عورت مارچ کي هر قيمت تي روڪڻ جو به پروگرام ناهيو آهي جنهن سبب شهر ۾ امن امان جي صورتحال خراب ٿي سگهي ٿي.

بقايا سنڌيار 01

۾ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ نوشهروفيروز جو دورو ڪيو عدالت ۾ قائم ڪميٽي جي ميمبرن جي اجلاس جي صدارت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين، ايڪسائيز پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ عنايت الله ميمڻ، ايڪسيئين پراونشل هاءِ ويز ڊويزن نوشهروفيروز اسد الله سومرو ، احمد خان ڪاڪيپوٽو ۽ ٻيا لاڳاپيل کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا. جڏهن ته ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جا نمائندا گلفام عطاري ۽ عبدالمجيد ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي تي هنن چيو ته گذريل پيشي دوران به عدليه به اطمينان جو اظهار ڪيو. پر اسان کي پنهنجي ڪم کي هن رفتار سان جاري رکڻو پوندو. هن چيو ته نوشهروفيروز جي ڪيترن ئي علائقن مان برسات جو پاڻي ڪڍيو ويو آهي. پر هيٺاهين وارن علائقن ۾ اڃا به برسات جو پاڻي رهجي ويو آهي. جنهن جي نيڪال لاءِ رابطا ڪميٽي جا سمورا ميمبر پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. هن آفيسرن کي هدايتون ڏنيون ته هو فوري طور تي. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ڊي سي آفيس ۾ روزاني جي بنياد تي اسٽينڊ واٽر گيج جي رپورٽ پيش ڪندي چيو ته ضلعي ۾ ڪجهه هنڌن تي مقامي ماڻهن جي ذاتي رنجش سبب مسئلا پيدا ٿيا آهن. جنهن تي ڪميٽي جي ڪوشش سان پاڻي نيڪال ڪيو ويو آهي . اجلاس ۾ پڊعيدن، نورپور، وڳڻ ۽ پندار ۾ پاڻي جي موجودگيءَ جو جائزو ورتو ويو. هن اسڪارپ آبپاشي کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو انهن هنڌن تان پاڻي نيڪال ڪرڻ جي اسڪيم تيار ڪن ته جيئن عوام کي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. اجلاس ڪانپوءِ پي ڊي ايم اي جي ڊائريڪٽر آپريشنز ٽيم سان گڏ ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو ۽ موقعي تي ئي هدايتون ڏنيون. هن گذريل ٻن هفتن ۾ پاڻي نيڪال واري عمل جو پڻ جائزو ورتو ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو.

بقايا سنڌيار 02

جنرل سيڪريٽري محمد ياسين حاجي لڪاڏنو، جوائنٽ سيڪريٽري محمد رحيم محمد صالح، خزانچي غلام مصطفيٰ يوسف، نائب خزانچي محمد هاشم اشرفي ۽ اطلاعات سيڪريٽري لاءِ غلام محمد کٽي بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنا ويا. رپورٽ موجب جنرل باڊي اجلاس کي خطاب ڪندي چيئرمين اليڪشن ڪميٽي حاجي عبدالغفور اسماعيل جاٽايل پينل جي بنا مقابلي ڪاميابي جو اعلان ڪيو. ان موقعي تي نئين چونڊيل صدر الهنواز، جنرل سيڪريٽري محمد ياسين، سابق سيڪريٽري محمد امين، رفيق دائود، صلاح الدين اسماعيل، عرفان احمد ۽ جميل حاجي سليمان سميت ٻين پڻ خيالن جو اظهار ڪيو. جڏهن ته اليڪشن ڪميٽي سميت نئين چونڊيل باڊي کي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا

بقايا سنڌيار 03

جڏهن ته انهي مسئلي تي اسڪول انتظاميا پاران مختلف وقتن تي مڪلي ٿاڻي جي ايس ايڇ او سان بار بار ربطو پڻ ڪيو پيو وڃي ياد رهي ته انهي اسڪول مان مختلف وقتن تي چوريون ٿيڻ معمول بڻجي چڪو آهي پر پوليس انتظاميه ڪو به تحرڪ نه پيو ورتو وڃي اسڪول انتظاميا ڊي آءِ جي حيدرآباد ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول مان چوري جو فورن نوٽيس وٺي ترڪش ڪالوني جي اسڪول مان ٿيل چوري واپس ڪرائي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 04

ڏوهه ۾ اسان جي پر امن احتجاج تي ڪنڊيارو جي ايس ايڇ او قربان ڪلوڙ حملو ڪري مون سميت احتجاج ڪندڙ ساٿين تي بي گناهه تشدد ڪيو ۽ ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو هنن چيو ته پوليس عوام جي جان ۽ مال جي محافظ هوندي آهي پر هتي ته پوليس مظلومن جي حقن لاءِ آواز اٿاريندڙ جو آواز دٻائي ڪين بنا جواز گرفتار ڪري حراسان ڪري پئي هنن چيو ته سموري سنڌ جيان ضلعي نوشهروفيروز ۾ به بدامني عروج تي ۽ پوليس صرف ڪمداري ۾ مصروف آهي عوام ويچارو غير محفوظ بڻيل آهي پر سردار ايس ايس پي قيوم پتافي آفيس ۾ به سردار نظام قائم ڪيو ويٺو آهي جيڪو هن مهل تائين خاموشيءَ سان تماشو ڏسي رهيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان ۽ اسان جي ساٿين مٿان تشدد ڪندڙ ايس ايڇ او ۽ اهلڪارن خلاف سيشن ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي آهي چوته ايس ايڇ او ۽ سنڌس ساٿاري اڃان تائي حراسان پيا ڪن جيڪڏهن ڊي ايس پي ۽ ايس ايڇ او ڪنڊيارو کي جلد نه هٽايو ويو ته ايس ايس پي جي آفيس جو گهيراءُ ڪري ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 05

ميرمحمد لاشاري جو رهواسي عرض محمد لاشاري عوامي پريس ڪلب پهچي ميڊيا اڳيان ڏانهيندي ٻڌايو ته تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جو وقت تي نه اچڻ ڪري هزارين مريض جنهن ۾ مرد عورتون ۽ ٻارڙا سخت پريشانين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن اسپتال ۾ مريضن جي علاج لاءِ آيل ڪروڙين روپين جون بجيٽون ڪرپشن جي ور چڙهي ويون پرائيوٽ اسپتالن ۾ علاج جا ڳرا خرچ هجڻ ڪري غريب ماڻهو علاج ڪرائڻ جي وس کان چڙهي ويا ٻي طرف سرڪاري اسپتالن ۾ طبعي علاج جون ڪي به سهولتون موجود ناهن لاپراه ڊاڪٽر اسپتال ۾ ڊيوٽي ڏيڻ به نٿا اچن صرف گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن جڏهن ته علاج لاءِ ايندڙ مريضن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته هر هڪ بيمار مريض کي فقط ساڳي ئي نموني جون دوا گوريون ڏنيون ٿيون وڃن جنهن سان مريضن کي فائدو نٿو ملي سگهي ۽ ڪوبه ڊيوٽي ڊاڪٽر وقت جي پابندي نٿو ڪري جنهن سبب تعلقي جا هزارين رهواسي علاج سٺولو نه ٿيڻ ڪري سخت تڪليفن کي منهن ڏئي زندگي گذارڻ تي بيوس ۽ لاچار بڻيل آهن تعلقي جي ٽائون جي ماهوار بجيٽ ڏيڍ ڪروڙ روپيه کان به مٿي آهي پر ان هوندي به اسپتال ۾ ڪا دوا گوري صحيح نموني نٿي ڏني وڃي جيڪو سراسر وڏو ظلم آهي پري پري کان علاج لاءِ ايندڙ غريب عوام سخت پريشانين ۾ مبتلا آهن هنن ڊي ايڇ او ٽنڊو محمد خان ۽ وس وارن کان مطالبو جي گهر ڪندي چيو آهي ته ڊيوٽي ڪندڙ ڊاڪٽرن کي وقت سرپابند بڻايو وڃي ۽ سمورين گهربل دوائن جي کوٽ ختم ڪري هتان جي مسڪين لاچار عوام سان انصاف ڪيو وڃي جي نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 06

مشتاق شاهاڻي جي دادو اي سيڪشن پوليس جي حد ڊي سي آفيس مان نئين موٽرسائيڪل چوري ٿيڻ کي ڪيترائي ڏينهن گذرڻ زباوجود پوليس ٻوٽو نه ٻاريو بار بار ايس ايس پي دادو ۽ ايس ايڇ او اي سيڪشن سان ملڻ جي باوجود به موٽر سائيڪل نه ملي سگهي جنهن کان پوءِ ڪورٽ ۾ AB 22 جي درخواست داخل ڪئي آهي ڪورٽ سڳوري ڌرين کي 11 مارچ تي طلب ڪيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 07

ورتيون آهن جن ۾ بلڊ بئنڪ جو قيام، ڊبل او ٽي، الٽراسائونڊ جي سهولت، ليبارٽري ۾ سمورين ٽيسٽن جو ٿيڻ، چار ايمبولنسز ۽ اسٽاف جي 24 ڪلاڪ سروس شامل آهي هن چيو ته انقلاب آڻڻ آسان هوندو آهي پر سنڀالڻ ڏکيو هوندو آهي هاڻي جڏهن اسپتال ۾ سڀ سهولتون ملي رهيون آهن ته انهن سهولتن کي مضبوطيءَ سان برقرار رکڻ جي ضرورت آهي جنهن ۾ سرڪار سان گڏ عوام جو تعاون جو بيحد طلبگار آهيان ته جيئن اسپتال کي ضلعي جو درجو ڏيارڻ سان گڏ اڃان وڌيڪ سهولتون فراهم ڪري سگهجن ان موقعي تي اي ايم ايس ڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي، علي اڪبر ناريجو اعجاز ممنائي سعود پوهيو ۽ ٻيا پڻ سائنس گڏ موجود هئا

بقايا سنڌيار 08

نياڻي روزينا شيخ جي والد عارف شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو اسين مسڪين غريب آهيون منهنجي نياڻي راند ڪندي باهه ۾ ڪري پئي جنهن جي جسم جو اڌ حصو باهه لڳڻ سبب سڙي ويو آهي جنهن جو علاج جناح اسپتال ۾ ڪرايو جناح مان ڊسچارج ٿيڻ کان پوءِ بيروزگاري مهانگائي جي ڪري نياڻي جو علاج نه ٿيڻ سبب زخم خراب ٿيڻ لڳا آهن هن غريب عارف شيخ چيو ته انساني همدردي ڪري منهنجي نياڻي جي زندگي بچائي وڃي منهنجي نياڻي جي علاج ۾ مدد ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 09

ڀٽو ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، شهيد شاهنواز ڀٽو مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو جي مزارن تي حاضري ڀري فاتحه پڙهي گلن جون چادرون چاڙهيون شهيدن جي مزارن تي پهچڻ وقت همدرد يونيورسٽيءَ جي پروفيسرن جي ٽيم کي نئون ديرو جي بهترين حڪيم محمد اياز چنا سٺي نموني آجيان ڪئي ۽ مزار جي اندروني مٿان ڊمي ٺهيل مزارون گهمايون.ان موقعي تي همدرد اداري طرفان آيلن مهمانن چيو ته ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي سرزمين گهمي ڏاڍو سڪون آيو شهيدن جو مان مرتبو تمام مٿانهون هوندو آهي .

بقايا سنڌيار 10

تفصيل موجب اليڪٽرڪ اينڊ اليڪٽرانڪس يونين خيرپور ناٿن شاهه سال 2023 جي نئين باڊي چونڊي وئي، نئين چونڊيل باڊي ۾ صدر عرفان علي زنگيجو، نائب صدر علي محمد قمبراڻي، جنرل سيڪريٽري عمران علي زنگيجو، سيڪريٽري رضوان علي ٻبر، پريس سيڪريٽري ارشد علي پڪهيو، خزانچي امير علي لانڊر چونڊجي ويا. نون چونڊجي آيل عهديدارن جو چوڻ هيو ته اسان هر محاذ تي پنهنجي اليڪٽرڪ ۽ اليڪٽرانس جي دڪاندار ڀائرن سان گڏ آهيون ۽ هميشه هڪ ٻئي جا ٻانهه ٻيلي ٿينداسين. جڏهن ته شهرين پاران نئين چونڊيل عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏيڻ جو سلسلو پڻ جاري ساري آهي

بقايا سنڌيار 11

3 ڏينهن کان مين پڙي جو زهريلو ڪڌو ڪاروبار تعلقي جي ننڍن وڏن شهرن : ڏندو: موبا: سترموري: نظرپور: نانگوشاه ۽ ڀهراڙي جي سوين ڳوٺن ۾ پوليس جي اچانڪ چرپر ڪانپوءِ بند ڪيو ويو آهي هوڏانهن اهم ذريعن موجب ساڳيا منشيات فروش ڳجهه ڳوهه ۾ مين پڙي جو ڪاروبار هلائي رهيا آهن پوليس پاران منشيات فروشن خلاف مختلف جاين تي ڇاپن جو سلسلو جاري آهي ڪجهه منشيات فروش گرفتار ٿيڻ ڪانپوءِ ڏيتي ليتي بعد آزاد ٿيڻ جا اطلاع پر اڃا تائين ڪنهن وڏي مين پڙي فيڪٽري مالڪ جي گرفتاري عمل ۾ ناهي اچي سگهي هوڏانهن ذريعن موجب ساڳي منشيات فروش مين پڙي ڪارخاني مالڪ پنهنجو دوباره زهريلو ڪاروبار ڪنهن ٻي مختلف جاين تي لڪ ڇپ ۾ شروع ڪرڻ لاءِ سرگرم بڻيل آهن جن ۾ نوان چهرا به شامل ٿيڻ لاءِ حصو وٺي رهيا آهن ٻي طرف پوليس پاران ڪي به اثرائتيون قانوني ڪاروايون عمل ۾ ناهن اچي سگهيون پوليس جي سست رفتاري سبب منشيات فروش ڀهراڙي جي ڳوٺن ۾ ڊيرا ڄمائي ساڳي زهريلو ڪنو ۽ ڪڌو ڪاروبار ڪرڻ لاءِ مصروف عمل آهن جڏهن ته شهرين ۽ ساجاه وندن پاران آئي جي سنڌ: ڊي آئي جي حيدرآباد: ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان اپيل ڪندي گهر ڪئي آهي ته تعلقي ٽنڊو غلام حيدر سميت ننڍن وڏن شهرن مان منشيات جو خاتمون آڻي قانوني ڪاروائين کي يقيني بڻائي هزارين انسان قيمتي زندگيون تباهه ٿيڻ کان بچايون وڃن ۽ منشيات فروشن ۽ سندن سهولتڪارن کي گرفتار ڪري ڪين جيل موڪليو وڃي ٻي صورت ۾ منشيات جي خاتمي تائين سخت احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي

بقايا سنڌيار 12

جي داخل ڪرايل درخواست تي چيف سيڪريٽري سنڌ، هوم سيڪريٽري، آءِ جي سنڌ ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو، ايس پي ڪشمور عرفان سمون ايس ايڇ او غوثپور ۽ وڏي منشي سميت 19 ڄڻن کي 14 مارچ تي طلب ڪري ورتو آهي واضع رهي ته هڪ مهينو اڳ غوثپور پوليس مبينه مقابلي ۾ ٻن پورهيتن کي رات جو دير سان فل فراءِ ڪري ڇڏيو هيو جنهن کي عدالت جڙتو مقابلو ڪري ڄاڻايو هيو ۽ مقابلي ۾ حصو وٺندڙ ايس ايڇ او غوثپور سميت ستن ماڻهن خلاف ڪيس به داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي

بقايا سنڌيار 13

اجرڪ ۽ ٽوپيءَ جو تحفو پيش ڪيو ان موقعي تي صوبائي صدر اعجاز ممنائي چيو ته علمي ۽ ادبي شخصيتن جو قدر ڪرڻ اسانجي زميوارين ۾ شامل آهي جيڪا زميواري اسان نڀائي رهيا آهيون مولانا خادم حسين الحسيني بهترين شخصيت سان گڏ باعمل عالم پڻ آهن جن ڀرپور محنت ۽ مشقت سان فارسي زبان ۾ تمام ڊگري حاصل ڪئي آهي جيڪو سنڌ ڌرتيءَ لاءِ وڏو اعزاز آهي ان موقعي تي قربان رضا ممنائي ۽ استاد محمد عالم ۽ ٻيا موجود هئا جن پڻ ڪيس مبارڪون ڏنيون جنهن تي مولانا خادم حسيني سڀني آيل دوستن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته مان اتحاد بين المسلمين جو داعي آهيان ان جي ابتداءِ پنهنجي علائقي کان ڪري سڄي سنڌ جو دورو ڪندس ته جيئن محبت جي ڌرتيءَ تي محبت ڀريو ماحول پيدا ٿي سگهي

بقايا سنڌيار 14

۾ پاڪستان فشر فوڪ فورم جي ناراض اڳواڻ مصطفيٰ ميراڻي ڏار آفيس جو افتتاح ڪندي فشر فوڪ فورم ۾ ڌڙا بندي جو اعتراف ڪيو. افتتاحي تقريب ۾ مرڪزي جنرل سيڪريٽري سعيد بلوچ، سينيئر وائيس چيئرپرسن فاطمه مجيد، انفارميشن سيڪريٽري ايوب شان، مجيد موٽاڻي، طالب ڪڇي، يوسف ڪڏاڻي، حاجي تاجو ڪارياڻي، رقيا سميت ٻين پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي مصطفيٰ ميراڻي دعويٰ ڪئي ته مهراڻ شاهه جيڪو هاڻ ڪي پاڪستان فشر فوڪ فورم جو چيئرمين ٿو سڏائي، اصل ۾ اُهو پاڪستان فشر فوڪ جي اڳوڻي چيئرمين محمد علي شاهه جي دور ۾ پراجيڪٽ تي ڪم ڪري رهيو هو، تنظيم جي آئين موجب جيڪو ماڻهو نوڪري ڪندو آهي، اُهو تنظيم جو عهديدار نٿو ٿي سگهي، مصطفيٰ ميراڻي دعويٰ ڪئي ته پاڪستان فشر فوڪ فورم اسان جي جوڙيل آهي. محمد علي شاهه جي وڇوڙي بعد مونکي چيئرمين چونڊيو ويو هو. مرحوم محمد علي شاهه جو پٽ مهراڻ علي شاهه پاڻمرادو ۽ غير قانوني طور چيئرمين سڏائي رهيو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ مصطفيٰ ميراڻي چيو ته تنظيم ڌڙا بندي جو شڪار ٿي وئي آهي. هاڻ مهاڻا فيصلو ڪندا ته اُهي ڪهڙي ڌڙي وٽ پنهنجا مسئلا کڻي ٿا اچن. اصل ۾ جنهن ڌڙي جي ڪارڪردگي ئي اُن جي مستقبل جو تعين ڪندي. هن چيو ته پاڪستان فشر فوڪ فورم جي چيئرمين شپ واري مامري تي عدالت ۾ ڪيس هلي رهيو آهي. اميد ته اسان ڪيس کٽي ويندا سين. هڪ سوال جي جواب ۾ مصطفيٰ ميراڻي چيو ته مهراڻ شاهه ۽ سنڌس ٽيم ۾ شامل ڪنهن به ماڻهو سائنس رابطو ناهي ڪيو. ڳالهين جا دڳ کُليل آهن. پاڪستان فشر فوڪ فورم مهراڻ شاهه ڌڙي جي جنرل سيڪريٽري رمضان ملاح ٻڌايو ته مصطفيٰ ميراڻي ۽ سنڌس ساٿي تنظيم کي ورهائڻ جي سازش ۾ رڌل آهن. اسان ڪين ميمبر ئي تسليم نٿا ڪيون. هن ٻڌايو ته محمد علي شاهه طرفان جوڙيل گورننگ باڊي مهراڻ شاهه کي چيئرمين چونڊيو. مصطفيٰ ميراڻي 14 مهينا ڪٽي هو. اوچتو چو ظاهر ٿيو آهي. هن ٻڌايو ته مصطفيٰ ميراڻي ۽ سنڌس ٽيم ۾ شامل پاڪستان فشر فوڪ فورم جي اڳوڻن عهديدارن تنظيم سان بغاوت ڪئي آهي، گورننگ باڊي جو اجلاس سڏائي مامري جو جائزو ورتو ويندو

بقايا سنڌيار 15

پور جي معزز شخصيت سيد علي ڏنو ملاح سيد مظهرحسين شاهه پاڪستان پيپلز پارٽيءَ، تعلقي قاضي احمد جي جنرل سيڪريٽري سردار علي رضا ڏاهري سردار شير ملاح فقير غلام رسول راهو سڪندر انڙ شهزادو خان ملاح نيشنل پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري رياض حسين ملاح صحافي جي ايم جوٽيجو محمد عثمان روشن علي سومرو محمد پريل انڙ عباسي زاهد حسين پريو سميت علائقي جي سياسي سماجي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته مرحوم کي سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته سنڌس لاڏاڻي تي سنڌس وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 16

واري عمل کي چيڪ ڪيوءِ وئڪسينيٽرن ٽيمن کي شاباس ڏني؛ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر بابومل چيو ته ڪم جو جذبو هجي پوءِ انسان موٽرسائيڪل تي سواري ڪري به ڪري سگهي ٿو.هم چيو ته منهنجي ڀرپور ڪوشش آهي ته منهنجي ضلعي جي ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ڪو به معصوم ٻار وئڪسينيشن کان رهجي نه وڃي ۽ ڊي ايس وي سميت وئڪسينيٽرز کي منهنجي مڪمل سپورٽ آهيءَ فيلڊ ڪم بهترين ۽ سٺو ڪم ٿنهي ڊي ايس ويز سلطان احمد ڪوءِ سيد افتخار شاهه جي ڀرپور محنت آهيءَ هي هميشه ٽيم ورڪ طور ڪم ڪن ٿا؛ڊاڪٽر بابومل وڌيڪ چيو ته ايندڙ ڪجهه وقت ۾ ڪشمور هيلٿ کاتو وڌيڪ عوام کي سهولتون مهيا ڪندوءِ ڪنڊڪوٽ ۾ سيمبولنس جي مرمت ڪري ڪيس آن روڊ ڪيو آهيءِ مونکي پوري ضلعي ۾ هليٿ جي ملازمين جي عوام کي سهولتو مهيا ڪري ڏيڻ جي سلسلي ۾ سپورٽ آهي

بقايا سنڌيار 17

ته باثر عورت عائشه شاهه بلاجواز اسلم ڪوسو، علو شاهه ،دل مگڻهار ۽ ٻين کي موڪلي منهنجي بيواه ڀيڻ ۽ منهنجي گهرتي حملو ڪرائي پچ ڊاهه ڪئي. جنهن جي دانهن اسان جهڏو پوليس اسٽيشن تي ڏني جنهن بعد هن مجرجي ڀيهر اسانجي گهرن تي ڀٿراءُ ڪيو ۽ اسانکي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهي آهي هنن ايس ايس پي ميرپورخاص کان مطالبو ڪيو ته ان معاملي جي جاچ ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي..

بقايا سنڌيار 18

امداد لغاري درگاهه محمد فقير ڪتياڻ جي گادي نشين احمد خان ڪتياڻ نواب عنايت علي فقير رشيد لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ميندي ڪڍي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري هڪ روزه عرس مبارڪ جي تقريب جو افتتاح ڪيو ويو جنهن کي مختلف نالي وارن مقررن مشڪور ڦلڪارو اشرف لغاري فقير احمد لاشاري راشد لغاري عبدالستار لغاري ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ کي صوفين جي سرزمين سڏيو وڃي ٿو انهيءَ حوالي سان هن دور ۾ عيسي فقير جي شاعري محبت امن ۽ پيار جو درس ڏئي ٿي اڄ جي هن مذهبي انتهاپسندي دور ۾ عيسا فقير جي شاعري امن جي راهه ۾ روشني جو ڪردار ادا ڪري ٿي جنهن بعد صوفياڻي راڳ جي تقريب ٿي جنهن ۾ فقير عبدالمجيد جتوئي، رامچند ، پورو پڳٽ پٽ شاهي ميندرو فقير گل حسن لغاري آچر فقير علي نواز نانگو نورمحمد لغاري درگاهه ڪرم علي شاهه جي سنگ سميت مختلف فقير صوفياڻا ڪلام پيش ڪري وينلن کي جهومائي ڇڏيو تقريب ۾ لغاري اتحاد سنڌ جي صدر محبوب خان سريوال ڊسٽرڪٽ ميمبر تنوير احمد سريوال يوسي چيئرمين تيمور خان سميت وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي

بقايا سنڌيار 19

آغاز ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ يوسي ڪاهي ممن جي عوام خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته علائقي ۾ سٽن مهينن کان مسلسل برساتي پاڻي بيهڻ سبب مڇرن ۾ اضافو ٿي ويو آهي جنهن ڪري مليريا ،پيٽ جون بيماريون ۽ چمڙيءَ جون مختلف بيمارين سميت ڪيترائي مرض ڦهلجڻ جو خدشو آهي ان ڪري DHO صاحب جي مهربانيئن سان سمورن ڳوٺن ڪاهي ممن، فضل محمد لوهاچ لڙهي، حاجي اڪبر شاهه عرس سولنگي ڪوڙو لاشاري حمل پنهور ۽ ٻين ڳوٺن ۾ مڇرمار اسپري شروع ٿي چڪو آهي جڏهن ته ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ جو سلسلو جلد شروع ڪيو ويندو ان موقعي تي ايڊوڪيٽ امر امتياز، اعجاز ممنائي، ڊبيرالحسن لاڙڪ،منير احمد ميمڻ نصير احمد پنهور ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته سماجي ڪم ۾ ڪڏهن به پوئتي نه هٽنداسين پنهنجي عوام کي صحت سميت سمورين سهولتون ڏيارڻ ۾ وسان نه گهٽائينداسين

بقايا سنڌيار 20

جي سوين ڳوٺن کي پاڻي جي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو هو ۽ هزارين ماڻهون پنهنجي گهرن کان بي گهر ٿي دربدري واري زندگي گذاري جڏهن ته ان جي باوجود به اڃان تائين ايل بي او ڊي انتظاميه ٽن گهارن کي بند نه ڪري سگهي مظاهرين چيو ته سم نالن کي لڳل گهارن سبب اڄ وچ ٽوڙي اسڪول ويندڙ شاگرد سخت مشڪلاتن کي منهن ڏين ٿا اسين پاڪستان پيپلزپارٽي جا ووٽر آيون ليڪن اسانجي ڪنهن سار ناهي لڌي هنن مطالبو ڪيو ته سم نالي کي لڳل گهارا بند ڪري اسان مان بيچيني ختم ڪئي وڃي3

بقايا سنڌيار 21

کان بعد بشير لطيفي پاران هلائي وئي، اجلاس ۾ پريس جي 2023 جي سالانه جنرل باڊي گڏيل متفق رائي ۽ سمورن ميمبرن جي مختصر ڪارڪردگي جي بنياد تي جوڙي وئي ۽ زميوار دوستن کي زميواريون ڏنيون ويو، جنهن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا، جنهن ۾ صدر، طالب حسين چانڊيو، سينيئر نائب صدر، بشير لطيفي، نائب صدر، عبدالجبار ٽنيو، جنرل سيڪريٽري، ممتاز علي چنو، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، سميع الله پگهيو، پريس سيڪريٽري زاهد حسين برڙو، خزانچي، منٺار علي چانڊيو، انفارميشن سيڪريٽري، آغا خان چانڊيو، آفيس سيڪريٽري علي محمد بروهي، ايگزيڪٽيو ڪاميٽي ميمبر، ذوالفقار نوحاڻي، محمد بخش مرڪنڊ، نياز علي چنو، ميمبرز، محمد ابراهيم چانڊيو، نديم چانڊيو، حاجي منٺار چنو، آصف علي مارناڻي، عبدالوحيد سمون، حافظ محمد اسلم برڙو، رجب علي چانڊيو، چونڊيا ويا، اجلاس جي آخر ۾ سميع الله پگهيو پاران تعلقه پريس ڪلب جي باني اڳواڻ سينيئر ساٿي بشير لطيفي جي جنم ڏهاڙي جي مناسبت سان سمورن دوستن کي مٺائي ڪارائي وئي، ان موقعي تي اجلاس ۾ شريڪ دوستن پاران قلم جي تقدس ۽ مليل زميوارين تي پورو لهڻ ۽ پنهنجي علائقي ۽ مسڪين ماروئڙن جا اهنج اعلي اختيارين تائين پهچائڻ جي جستجو جاري رکڻ ۽ رپورٽنگ کي بهتر ۽ تيز ڪرڻ جو عهد ڪيو ويو,,,,,

بقايا سنڌيار 22

فرار ٿي ويا سامان ۾ 50 ڪٽا توريو 10 ٻوريون سونا يوريا پاڻ 15 ٻوريون سونا DAPءِ 10 ٻوريون 23 23 پاڻ 5ڪٽا ڪند 4ڪٽا چانور 10 ڪٽا اٽو ۽ ٻه لک روپيه رقم ٻڌائي پئي وڃي وچي نامعلوم چورن خلاف سيرائي ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي وئي آهي سيٺ شام لال ميڊيا وارن اڳيان روئندي ڏانهيندي چيو ته آئون جنسن ۽ ريزڪي جو واپاري آهيان پيٽ گذر ڪرڻ خاطر هتي آيو آهيان مون سان وڏو ظلم ٿيو آهي آئون عالا اختيارين ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ٿو ڪريان ته مونکي تحفظ ڏئي انصاف ڏيارويو وڃي

بقايا سنڌيار 23

جي چيئرمين علي حسين بروهي، اسڪول بورڊ جي چيئرپرسن بخش علي لاڪو، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ناهيد عباسي، اسڪول بورڊ جي ميمبرن محمد ميمڻ، غلام حسين بلوچ، اسڪول جي پرنسپال ڪرنل رفيق حسين گهوٽو (رٽائرڊ) وائيس پرنسپال ڪرنل عبدالناصر (رٽائرڊ) ۽ اڪيڊمڪ ڪوآرڊينيٽر ايل ڊي راجپر سميت شاگردن، شاگرديائين ۽ علائقي جي مشهور سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريب جو آغاز ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو شاگردن طرفان تعليم جي موضوع تي تقريرون خاڪا ۽ پينٽنگ جي نمائش ڪئي وئي. سڀني آيل مهمانن کي پرنسپال ڪرنل رفيق حسين گهوٽو (رٽائرڊ) پليڪار ڪندي اسڪول جي تاريخي حيثيت متعارف ڪرائي ۽ ان ڳالهه جو يقين ڏياريو ته اسين ٿوري ٽائيم ۾ اداري جي تعليمي ۽ تعميري بهتري آندي آهي توهان جو سهڪار رهيو ته اڃان به گهڻو ڪجهه بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. تقريب کي خطاب ڪندي اسڪول بورڊ جي چيئرمين بخش علي لاڪو چيو ته اسان جي لاءِ تمام خوشنصيبي آهي ته علائقي جا ماڻهو ۽ اعلي شخصيتون هن اداري جي بهتري ۾ اسان سان ٻانهن ٻيلي آهن. اسين هتان جي لوڪل عوام ۽ سياسي ۽ سماجي شخصيتن مان پر اميد آهيون ته هو اسان جا سهڪاري ٿي پبلڪ اسڪول ڳڏاپ جو تعليمي ميار سنڌ سميت پوري پاڪستان ۾ پهرين نمبر تي آئيندا تقريب سان مخاطب ٿيندي محمد ساجد جوڪيو منسٽر سوشل ولفئر چيو ته هي ادارو اسان جو پنهنجو ادارو آهي اسان نه فقط پهريان پر جڏهن به اداري مٿان ڪا مشڪل گهڙي ايندي آهي پهريان اتي مان پهچي ويندو آهيان. هي ادارو ڳڏاپ جي ماڻهن لاءِ مثالي ادارو آهي جتان شاگرد تعليمي زيور سان سينگارجي اعلا عهدن تائين پهچن ٿا. جام عبدالڪريم بجار چيو ته پرنسپال ڪرنل رفيق حسين گهوٽو (رٽائرڊ) جي تعريف ڪندي چيو ته اسين موجوده پرنسپال جي ائڊمنسٽريشن مان مڪمل طور تي متمعن آهيون جنهن پنهنجي ذاتيات کي ختم ڪري صرف ۽ صرف اداري ۽ اداري ۾ رهندڙ شاگرد، شاگرديائين ۽ ٻين ملازمن جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. پرنسپال صاحب سان اسان اداري جي ترقي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين. شاگردن ۽ شاگرديائين وچ ۾ اسڪول يونيفارمز، شوز ۽ بيگس ورهايا ويا. پروگرام جي آخر ۾ مهمانن کي ميمنٽوز ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا

بقايا سنڌيار 24

جي اڳواڻي ۾ علامتي بک هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو. پ ٽ الف اڳواڻن جو چوڻ هو ته دادو ضلعي ۾ استادن جا ڪيترائي مسئلاحل ڪرڻ لاءِ تعليمي اختيارين وٽ سنجيدگي نه آهي جنهن ڪري مجبورن اسان تدريسي عمل مڪمل ڪرڻ بعد احتجاج ڪري تعليمي اختيارين کي واضع ڪيون ٿا ته گذريل 9 مهينن کان ڊيوٽيون ڪندڙ استادن کي پگهارون نه مليون آهن جنهن ڪري نوان استاد مالي طور تي سخت پريشان آهن. اپگريڊيشن جون لسٽون مڪمل هجڻ باوجود ان تي عمل نه ڪيو ويو آهي. بائيو ميٽرڪ سسٽم سبب غير حاضري ڄاڻائي ڊي اي او پرائمري پاران ڏنل استادن کي سزائون ختم ڪيون وڃن.

بقايا سنڌيار 25

ڪندي ڪيس سخت ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس جاڙين ۾ ڇڏي فائرنگ ڪندي موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي جو اطلاع مڪلي پوليس کي ڏنو ويو پر پوليس هن وقت تائين ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي. رهواسين آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته ڦر جي وارداتن سبب عوام ۾ سخت خوف ۽ هراس پکڙجي ويو آهي، شهرين ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته چوري ۽ ڦر جي واقعن تي ضابطو آندو وڃي.

بقايا سنڌيار 26

تقريب منعقد ڪئي وئي ان تقريب ۾ پ پ پ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق، لمس جو وائيس چانسلر اڪرام الدين اجڻ، ناميارو سرجن سيف الله پناڻ، ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ حيدرآباد محمد جمن باهوٽو، ڊي ايڇ او دادو شاهد حسين شيخ، سول سرجن دادو ڊاڪٽر عبدالڪريم ميراڻي، سماجي اڳواڻ محمد بخش ڪورائي ۽ ٻين صحت کاتي جي عملدارن، ملازمن نئين تعمير ٿيل اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو ڪيو، ان موقعي تي پ پ پ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هن اسپتال ۾ مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر، سرجن دادو ضلعي سميت آس پاس جي ضلعن کان ايندڙ مريضن جي علاج لاءِ جلد ذميواريون سنڀاليندا صحت جي حوالي سان دادو جي عوام جو پراڻو مطالبو پورو ڪيو آهي هن اسپتال ۾ جديد مشينري آندي وئي آهي، پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي هميشه عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي هن چيو ته منهنجو بابا اڳوڻو سينيئر صوبائي وزير تعليم پير مظهرالحق هن اسپتال جو بنياد رکرايو هو پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو، ملڪ جي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ پ پ پ ايم پي ايز فريال ٽالپر، عذرا پيچوهو صوبائي وزير صحت ۽ جي ڪوشش سان هي ضلعي دادو جي وڏي اسپتال شروع ٿي رهي آهي، تقريب ۾ پ پ پ اڳواڻ ايم عمر پنهور ۽ ٻين پارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي، هوڏانهن سول سرجن دادو ڊاڪٽر عبدالڪريم ميراڻي رابطي تي ٻڌايو ته نئين اسپتال ۾ فلحال او پي ڊي شروع ٿي رهي آهي جلد لمس پاران اسپتال کي هلائڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا.

بقايا سنڌيار 27

ريلي کي شاگرد اڳواڻ درياءَ خان پنهور، حسنين ميمڻ، سالار سولنگي ۽ ٻين خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 28

طرف وڌڻ لڳو آهي شهر جي هوٽلن ۽ دڪانن تي نوجوان نسل سريعام منشيات واپرائڻ لڳو آهي حد جي پوليس منشيات وڪرو ڪندڙن کي علائقي ۾ منٿلي عيوض کلي چوٽ چوٽ ڏئي ڇڏي آهي هنن چيو ته ڪيترائي ڀيرا حد جي پوليس کي اطلاع ڏنو ويو مگر پوليس ڪنهن به قسم جي ڪاروائي نه ڪئي هنن چيو ته ڪجهه ڏينهن پهرين هڪ منشيات جي موالي هٿان رات جو هڪ نياڻي چار معصوم ٻارڙن جي ماءُ جو قتل ٿيو آهي، هنن ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪندي چتاءُ ڏنو ته هڪ هفتي اندر علائقي ۾ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي نه ڪئي وئي ته بالا آفيسرن جي آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا سنڌيار 29

جرنلسٽس ڪائونسل ضلعي دادو جي چيف آرگنائيزر غوث علي جهتيال، سينيئر صحافي ولي چانڊيو، صحافي سرور جلال سولنگي، سماجي اڳواڻ محمد بخش ڪورائي، علي گوهر سومرو، اعجاز پنهور، آصف علي سومرو، ڪامران ڪورائي، واجد علي ملاح، غلام مصطفيٰ پنهور، فاروق ڪورائي، دادو شهر جي وارڊ نمبر 5 جو ڪائونسلر حاجي قربان چانڊيو، جاني فهد ميمڻ، عبدالمجيد شاهاڻي، شاهد ڪرل، علي محمد ملاح، شيراز سومرو، فهيم شيخ، حبدار ٻبر، دلاور ملاح، عمران پنهور، عاشق ملاح ۽ ٻين صحافين ۽ سماجي ڪارڪنن سالگرهه تقريب جو گڏيل طور تي ڪيڪ ڪاٽي ديدار علي شيخ جي صحافتي سرگرمين ۽ سنڌس ڪردار تي ڳالهايو، 28 هين سالگرهه تقريب ۾ ديدار علي شيخ چيو ته صحافتي دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ زندگي جا تلخ تجربا ٿيا آهن ماڻهو قلم جي طاقت جو جائز استعمال ڪري ۽ پنهنجي ڪم سان سچائي، ايمانداري، بهادري سان نڀائي ته سوسائٽي ۾ مقام حاصل ڪري سگهي ٿو.

بقايا سنڌيار 30

ڏينهن آهي،پاڪستان ۾ قديم قومن جي وجود کان انڪار ڪندي ون يونٽ ناهڻ جو اعلان 22 نومبر 1954ع تي بل پاس ڪرايو ويو 4 مارچ 1967ع جي هن واقعي سنڌين جي اندر ۾ ون يونٽ خلاف نفرت جي چڻنگ کي ڀنيٽ ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ سڄي قوم سجاڳ ٿي ون يونٽ خلاف نڪري پئي ۽ پهرين جولاءِ 1969ع تي حڪمرانن ون يونٽ ٽوڙڻ جو اعلان ڪيو.ون يونٽ جهڙي ڦهري ڪوٽ کي ٽوڙڻ سنڌي شاگردن جي جدوجهد جو نتيجو هو. اڄ سندن سنڌي شاگرن جي قومي ڏينهن تي قومي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا

بقايا سنڌيار 31

مير باجن ٽالپر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ شاگردن پاران سخت نعريبازي ڪئي وئي ۽ استادن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ، اسڪول ۾ 250 کان وڌيڪ شاگردن لاءِ صرف 2 ڪلاس روم آهن جيڪي پڻ زبون حال ٿي ويا آهن . ڪلاس رومن جي کوٽ سبب سوين ٻار سخت سردي توڙي گرمي ۾ ڪمرن کان ٻاهر دالان ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور آهن .هنن ٻڌايو ته سخت گرمي سبب ڪاله ڪجهه شاگرد بيهوش ٿي ويا جن جو ترت علاج ڪرايو ويو جنهن سبب والدين ۾ بيچيني ڦهليل آهي . هنن سنڌ جي وڏي وزير ، تعليم جي صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري تعليم سميت اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته راجوخاناڻي شهر جي قديمي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول شيدي محلا ۾ ٻن کان وڌيڪ ڪلاس روم تعمير ڪرائي شاگردن ،والدين ۽ استادن ۾ ڦهليل بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 32

زندگي ۽ انهن جي وسيلن جي تباهڪارين جي ڪارڻن بابت تفصيلي ڳاله ٻولهه ڪئي وئي گڏجاڻي ۾ عوامي رابطا تحريڪ جي مرڪزي چيئرمين ايڊووڪيٽ غلام سرور پليجو، عوامي رابطا تحريڪ ليڊيز ونگ جي صدر ايڊووڪيٽ ميڊم تنزيلا پليجو، عبدالحڪيم پليجو سماجي اڳواڻ ميڊم زهر ملاح، سيد مراد علي شاهه امير خاني خصوصي شرڪت ڪئي. جڏهن ته شهرين ۾ شير علي بلوچ،پوريل گندرو، سيد اڪبر علي شاهه، صحافي شير علي ملاح، نورمحمد ملاح، اقبال ملاح، سيد قربان علي شاهه ،ڪرو ملاح شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي گڏجاڻي کي ايڊوڪيٽ غلام سرور پليجو،ايڊوڪيٽ ميڊم تنزيلا پليجو، عبدالحڪيم پليجو، ميڊم زوهر ملاح، صحافي حيدر جويو، جاويد حمال ميمڻ ،شير علي بلوچ ۽ ٻين ميڙاڪي کي خطاب ڪيو، انهي موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هو ته ٺٽي ضلعي کي هٽ وٺي تباهه ڪيو پيو وڃي، هتي صفائي سٿرائي، ڊرينج، سيوريج ۽ روڊن رستن جا انيڪ مسئلا آهن، هتي اسڪولن ۾ تعليم ناهي ۽ اسڪولن جو عمارتون زبون حالي جو شڪار آهن، ضلعي جي نوجوانن کي نوڪريون نه ٿيون ڏنيون وڃن،منشيات ۾ مبتلاٿي نوجوان نسل موت جي منهن ۾ وڃي رهيو آهي، جڏهن ته چوريون ۽ ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون آهن، سموري ضلعي کٽي به قانون جي حڪمراني نظرنٿي اچي،جن کي 75 سالن کان ووٽ ڏيئي ايوانن تائين پهچايو انهن به شهرين جي ڪا سار نه لڌي، انهي موقعي تي مقررين موجوده تباهيءَ جو ذميوار اُتان جي چونڊيل نمائندن، بيورو ڪريسي کي قرار ڏنو

بقايا سنڌيار 33

سيوهڻ مختيار ڪار عملي ايس ايڇ او سيوهڻ جي مدد سان قبضو ڪرڻ خلاف سيد برداري جو نيشنل پريس ڪلب دولت پور آڏو احتجاج ان موقعي تي ڳوٺ سعيد ڪندو جي سيد برداري جي اڳواڻن سيد علي شاهه لڪياري سيد غلام حسين شاهه لڪياري سيد وحيد علي شاهه آصف علي شاهه سيد حاڪم علي شاهه سيد لطيف شاهه منٺار علي شاهه سيد ارشاد علي شاهه مير پريوءِ ٻين چيو ته اسان جي مرشد سيد شاهه محمد شاهه جي ليز تي خريد ڪيل ليز واري زمين مٿان قبضا مافيا خلاف سخت لفظن۾ مزمت ڪيون ٿا هنن وڌيڪ چيو ته سليم باجاري اي سي اقبال حسين جي ملي ڀڳت سان گادي نشين کي بليڪ ميل ڪري ڪائنس ڳري رشوت گهري رهيا آهن رشوت نه ڏيڻ تي زمين مٿان قصبو ڪيو ويو آهي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته سيد شاهه محمد شاهه جي زمين مٿان قبضو ختم ڪري انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت۾اسان هر شهر۾احتجاج جو دائرو وسيع ڪنداسينءِ نيشنل هاءِ وي بند ڪنداسين

بقايا سنڌيار 34

جي حد خميسا ڳوٺ ۾ منشيات جي اڏن ۽ پوليس جي پتا خوري جي نشاندهي ڪرڻ تي صحافي ۽ انڊس پريس ڪلب ڪراچي جي چيئرمين اصغر بروهي کي پوليس اهلڪار عزيز ۽ ٻين اهلڪارن طرفان ڳرا نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن اصغر بروهي آئي جي سنڌ ڊي آئي جي ۽ ايس ايس پي سينٽرل کان مطالبو ڪيو ته ڪريٽ ۽ ڏوهارين سان هٿ بڻيل اهڪارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي ۽ صحافين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي هوڏانهن سياسي سماجي صحافين توڙي قومپرست اڳواڻن جسقم اڳواڻ الاهي بخش بڪڪ سنڌ عوامي سٿ ڪراچي جي اڳواڻ محبوب رند نيشنل ڊيمو ڪريٽڪ پارٽي جي مرڪزي صدر ممتاز بروهي جماعت اسلامي نئين ڪراچي جي اڳواڻ شڪيل احمد سينئر صحافي شفقت نوناري منير لاشاريءَ ٻين رپورٽنگ ڪرڻ تي اصغر بروهي کي نئين ڪراچي انڊسٽريل ايريا ٿاڻي جي اهلڪارن طرفان ڏنل ڌمڪين جي مذمت ڪندي آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته فوري طور پتا خور ۽ منشيات فروشن جي سپورٽر پوليس اهلڪارن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ پوليس خلاف احتجاج ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 35

۾ برساتي پاڻي جي نيڪال لاءِ نوشهروفيروز جو دورو ڪيو عدالت ۾ قائم ڪميٽي جي ميمبرن جي اجلاس جي صدارت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز شاهزيب شيخ، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سيد عمار حسين، ايڪسائيز پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ عنايت الله ميمڻ، ايڪسيئين پراونشل هاءِ ويز ڊويزن نوشهروفيروز اسد الله سومرو ، احمد خان ڪاڪيپوٽو ۽ ٻيا لاڳاپيل کاتن جا آفيسر پڻ موجود هئا.جڏهن ته ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جا نمائندا گلفام عطاري ۽ عبدالمجيد ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي تي هنن چيو ته گذريل پيشي دوران به عدليه به اطمينان جو اظهار ڪيو. پر اسان کي پنهنجي ڪم کي هن رفتار سان جاري رکڻو پوندو. هن چيو ته نوشهروفيروز جي ڪيترن ئي علائقن مان برسات جو پاڻي ڪڍيو ويو آهي. پر هيٺاهين وارن علائقن ۾ اڃا به برسات جو پاڻي رهجي ويو آهي. جنهن جي نيڪال لاءِ رابطا ڪميٽي جا سمورا ميمبر پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن. هن آفيسرن کي هدايتون ڏنيون ته هو فوري طور تي. اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ڊي سي آفيس ۾ روزاني جي بنياد تي اسٽينڊ واٽر گيج جي رپورٽ پيش ڪندي چيو ته ضلعي ۾ ڪجهه هنڌن تي مقامي ماڻهن جي ذاتي رنجش سبب مسئلا پيدا ٿيا آهن. جنهن تي ڪميٽي جي ڪوشش سان پاڻي نيڪال ڪيو ويو آهي . اجلاس ۾ پڊعيدن، نورپور، وڳڻ ۽ پندار ۾ پاڻي جي موجودگيءَ جو جائزو ورتو ويو. هن اسڪارپ آبپاشي کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو انهن هنڌن تان پاڻي نيڪال ڪرڻ جي اسڪيم تيار ڪن ته جيئن عوام کي سهولتون فراهم ڪري سگهجن. اجلاس ڪانپوءِ پي ڊي ايم اي جي ڊائريڪٽر آپريشنز ٽيم سان گڏ ضلعي جي مختلف علائقن جو دورو ڪيو ۽ موقعي تي ئي هدايتون ڏنيون. هن گذريل ٻن هفتن ۾ پاڻي نيڪال واري عمل جو پڻ جائزو ورتو ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو

بقايا سنڌيار 36

3 ڏينهن کان مين پڙي جو زهريلو ڪڌو ڪاروبار تعلقي جي ننڍن وڏن شهرن : ڏندو: موبا: سترموري: نظرپور: نانگوشاه ۽ ڀهراڙي جي سوين ڳوٺن ۾ پوليس جي اچانڪ چرپر ڪانپوءِ بند ڪيو ويو آهي هوڏانهن اهم ذريعن موجب ساڳيا منشيات فروش ڳجهه ڳوهه ۾ مين پڙي جو ڪاروبار هلائي رهيا آهن پوليس پاران منشيات فروشن خلاف مختلف جاين تي ڇاپن جو سلسلو جاري آهي ڪجهه منشيات فروش گرفتار ٿيڻ ڪانپوءِ ڏيتي ليتي بعد آزاد ٿيڻ جا اطلاع پر اڃا تائين ڪنهن وڏي مين پڙي فيڪٽري مالڪ جي گرفتاري عمل ۾ ناهي اچي سگهي هوڏانهن ذريعن موجب ساڳي منشيات فروش مين پڙي ڪارخاني مالڪ پنهنجو دوباره زهريلو ڪاروبار ڪنهن ٻي مختلف جاين تي لڪ ڇپ ۾ شروع ڪرڻ لاءِ سرگرم بڻيل آهن جن ۾ نوان چهرا به شامل ٿيڻ لاءِ حصو وٺي رهيا آهن ٻي طرف پوليس پاران ڪي به اثرائتيون قانوني ڪاروايون عمل ۾ ناهن اچي سگهيون پوليس جي سست رفتاري سبب منشيات فروش ڀهراڙي جي ڳوٺن ۾ ڊيرا ڄمائي ساڳي زهريلو ڪنو ۽ ڪڌو ڪاروبار ڪرڻ لاءِ مصروف عمل آهن جڏهن ته شهرين ۽ ساجاه وندن پاران آئي جي سنڌ: ڊي آئي جي حيدرآباد: ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان کان اپيل ڪندي گهر ڪئي آهي ته تعلقي ٽنڊو غلام حيدر سميت ننڍن وڏن شهرن مان منشيات جو خاتمون آڻي قانوني ڪاروائين کي يقيني بڻائي هزارين انسان قيمتي زندگيون تباهه ٿيڻ کان بچايون وڃن ۽ منشيات فروشن ۽ سندن سهولتڪارن کي گرفتار ڪري ڪين جيل موڪليو وڃي ٻي صورت ۾ منشيات جي خاتمي تائين سخت احتجاجي تحريڪ جاري رکي ويندي

بقايا سنڌيار 37

تقريب منعقد ڪئي وئي ان تقريب ۾ پ پ پ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق، لمس جو وائيس چانسلر اڪرام الدين اجڻ، ناميارو سرجن سيف الله پناڻ، ڊائريڪٽر جنرل هيلٿ حيدرآباد محمد جمن باهوٽو، ڊي ايڇ او دادو شاهد حسين شيخ، سول سرجن دادو ڊاڪٽر عبدالڪريم ميراڻي، سماجي اڳواڻ محمد بخش ڪورائي ۽ ٻين صحت کاتي جي عملدارن، ملازمن نئين تعمير ٿيل اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو ڪيو، ان موقعي تي پ پ پ ايم پي اي بئريسٽر پير مجيب الحق صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته هن اسپتال ۾ مختلف بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر، سرجن دادو ضلعي سميت آس پاس جي ضلعن کان ايندڙ مريضن جي علاج لاءِ جلد ذميواريون سنڀاليندا صحت جي حوالي سان دادو جي عوام جو پراڻو مطالبو پورو ڪيو آهي هن اسپتال ۾ جديد مشينري آندي وئي آهي، پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي هميشه عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي هن چيو ته منهنجو بابا اڳوڻو سينيئر صوبائي وزير تعليم پير مظهرالحق هن اسپتال جو بنياد رکرايو هو پ پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو، ملڪ جي اڳوڻي صدر آصف علي زرداري ۽ پ پ پ ايم پي ايز فريال ٽالپر، عذرا پيچوهو صوبائي وزير صحت ۽ جي ڪوشش سان هي ضلعي دادو جي وڏي اسپتال شروع ٿي رهي آهي، تقريب ۾ پ پ پ اڳواڻ ايم عمر پنهور ۽ ٻين پارٽي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي، هوڏانهن سول سرجن دادو ڊاڪٽر عبدالڪريم ميراڻي رابطي تي ٻڌايو ته نئين اسپتال ۾ فلحال او پي ڊي شروع ٿي رهي آهي جلد لمس پاران اسپتال کي هلائڻ لاءِ عملي قدم کنيا ويندا.

بقايا سنڌيار 38

ميرمحمد لاشاري جو رهواسي عرض محمد لاشاري عوامي پريس ڪلب پهچي ميڊيا اڳيان ڏانهيندي ٻڌايو ته تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن جو وقت تي نه اچڻ ڪري هزارين مريض جنهن ۾ مرد عورتون ۽ ٻارڙا سخت پريشانين ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن اسپتال ۾ مريضن جي علاج لاءِ آيل ڪروڙين روپين جون بجيٽون ڪرپشن جي ور چڙهي ويون پرائيوٽ اسپتالن ۾ علاج جا ڳرا خرچ هجڻ ڪري غريب ماڻهو علاج ڪرائڻ جي وس کان چڙهي ويا ٻي طرف سرڪاري اسپتالن ۾ طبعي علاج جون ڪي به سهولتون موجود ناهن لاپراه ڊاڪٽر اسپتال ۾ ڊيوٽي ڏيڻ به نٿا اچن صرف گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن جڏهن ته علاج لاءِ ايندڙ مريضن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته هر هڪ بيمار مريض کي فقط ساڳي ئي نموني جون دوا گوريون ڏنيون ٿيون وڃن جنهن سان مريضن کي فائدو نٿو ملي سگهي ۽ ڪوبه ڊيوٽي ڊاڪٽر وقت جي پابندي نٿو ڪري جنهن سبب تعلقي جا هزارين رهواسي علاج سٺولو نه ٿيڻ ڪري سخت تڪليفن کي منهن ڏئي زندگي گذارڻ تي بيوس ۽ لاچار بڻيل آهن تعلقي جي ٽائون جي ماهوار بجيٽ ڏيڍ ڪروڙ روپيه کان به مٿي آهي پر ان هوندي به اسپتال ۾ ڪا دوا گوري صحيح نموني نٿي ڏني وڃي جيڪو سراسر وڏو ظلم آهي پري پري کان علاج لاءِ ايندڙ غريب عوام سخت پريشانين ۾ مبتلا آهن هنن ڊي ايڇ او ٽنڊو محمد خان ۽ وس وارن کان مطالبو جي گهر ڪندي چيو آهي ته ڊيوٽي ڪندڙ ڊاڪٽرن کي وقت سرپابند بڻايو وڃي ۽ سمورين گهربل دوائن جي کوٽ ختم ڪري هتان جي مسڪين لاچار عوام سان انصاف ڪيو وڃي جي نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

*****